


(ٺٽي جي وکريل تاريخ - 1)

# راؤڙ / رياتڙو

## (عرب ۽ ڏاهر جي جنگ جو ميدان)

ٺٽوي ڪاتيار

ڪاتيار پبليڪيشن ٺٽو

(ٺٽي جي وکريل تاريخ - 1)

# راڄ / رياڻو

(عرب ۽ ڏاهر جي جنگ جو ميدان)

## ٺٽوي ڪاتيار

ڪاتيار پبليڪيشن ٺٽو

ڊجيٽل ايڊيشن:
2017ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# حق ۽ واسطا هڙئي ليکڪ وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | راؤڙ/رياتڙو (عرب ۽ ڏاهر جي جنگ جو ميدان) |
| صنف: | تاريخ |
| ليکڪ ۽ محقق: | ٺٽوي ڪاتيار |
| ڇاپو پهريون: | سال 2017ع |
| تعداد: | پنج سئو |
| ڪمپوزنگ: | لياقت علي ڪاتيار |
| پروف ريڊنگ: | مارو خشڪ ۽ نثار علي ڪاتيار |
| ڇپائيندڙ: | ڪاتيار پبليڪيشن ٺٽو |
| ڇاپيندڙ: | ايڊوانس پرنٽنگ ايجنسي حيدرآباد |
| لکپڙھ لاءِ ڏس: | ڪاتيار هائوس، ورڪرز ڪالوني ٺٽہ سيمنٽ فيڪٽري، مڪلي غلام الله روڊ ضلع ٺٽو. |
| مُلهہ: | **100/= رپيا** |

| | |
|---|---|
| Book Name: | **RAWAR / RYATRO** (Arab ei  Dahir g Jung jo  meedan) |
| By: | Thattvi Katiar |
| Composing: | Liaquat Ali Katiar |
| Published by: | Katiar Publication Thatta |
| Printed by: | Advance Printing Agency Hyderabad |
| Proofreading: | Maroo Khushik & Nisar Ali Katiar |
| Contact Address: | Katiar House, Workers Colony, Thatta Cement Factory Makli Ghulam-u-llah Road District Thatta. |
| Prize: | **Rs. 100/=** |

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

# ارپنا

پنهنجو هي پهريون قلمي پورهيو عزت، ادب ۽ احترام سان

**بابا سائين محمد بخش ڪاتيار** کي ارپيان ٿو.

جيڪو منهنجو بابا هئڻ سان گڏ منهنجو بهترين

استاد، رهبر، محسن ۽ سٺو دوست به آهي.

جنهن جي شفقت، محبت، پيار، ڏڙڪن، تربيت، سمجهاڻين

۽ اڻٿڪ محنت جو اهو نتيجو آهي جو اڄ آئون هن منزل تي آهيان.

ان سان گڏوگڏ پنهنجي

**جيجل امڙ** جي نانءُ

چوندا آهن ته هر ڪامياب مرد جي پويان عورت جو هٿ هوندو آهي

۽ منهنجي ڪاميابي پويان منهنجي امڙ جيجل جون

دعائون، محنتون، جفاڪشيون، اوجاڳا ۽ سڄي زندگي آهي.

دعا آهي ته الله پاڪ منهنجي والدين کي انهن ڳالهين جو

ثواب اجر عطا فرمائي ۽ انهن جو سايو تاقيامت منهنجي سر تي

قائم ۽ دائم رکي. آمين

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”راڙو / رياتڙو“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. عرب ۽ ڏاهر جي جنگ جي ميدان بابت تحقيق تي مشتمل هن تاريخي ڪتاب جو ليکڪ ٺٽي ضلعي سان تعلق رکندڙ نئين ٽهي جو اڀرندڙ اديب، تاريخ سان دلچسپي رکندڙ **ٺٽوي ڪاتيار** آهي.

ڪتاب جي محقق جي چوڻ موجب جنگ اروڙ بجاءِ راڙو ۾ لڳي. جيڪو اصل ۾ ”رياتڙو“ ئي آهي. اهو علائقو ضلعي ٺٽي جي ساڪري واري علائقي يوسي پليجاڻي ۾ ڳوٺ محمد هاشم ڪاتيار جي آس پاس ڄاڻايو اٿس. سندس خيال ۾ ڇچنامو ۾ جن علائقن جا نالا ملن ٿا. اهي اتي ئي موجود آهن. جن مان جيور (جيوڙو) راڙو (رياتڙو) وغيره آهن. ليکڪ جيڪو تحقيق جو طريقو اختيار ڪيو آهي ان ۾ هن زميني حقيقتن ۽ مقامي ماڻهن وٽ موجود ڳالهين کي به نظر ۾ رکيو آهي ته ان سان گڏوگڏ ادب مان به حوالا ڏئي ڪتاب مڪمل ڪيو آهي.

هي ڪتاب **ڪاتيار پبليڪيشن، ٺٽو** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون ٺٽوي ڪاتيار جا جنهن هن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


| سيريل نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| 01 | مهاڳ (محمد مارو خشڪ) | 7 |
| 02 | ٻه اکر (محمد علي مانجهي) | 10 |
| 03 | ٻه اکر (عزيز ڪينجهرائي) | 12 |
| 04 | ٻه اکر (محمد عارب موج) | 15 |
| 05 | پنهنجي پاران | 17 |
| 06 | باب پهريون: تاريخي مونجهارا | 23 |
| 07 | باب ٻيو: راؤڙيا اروڙ | 27 |
| 08 | باب ٽيون: برهمڻ دور حڪومت | 40 |
| 09 | باب چوٿون: راؤڙ جو ماڳ | 48 |
| 10 | فٽ نوٽ | 63 |
| 11 | مددگاري ڪتاب | 64 |
| 12 | ليکڪ جا ايندڙ ڪتاب | 65 |

# مهاڳ

ٺٽي ضلعي سان تعلق رکندڙ نئين ٽهي جو اڀرندڙ اديب، تاريخ سان دلچسپي رکندڙ دوست ٺٽوي ڪاتيار ٺٽي ضلعي جي تاريخ جي گمنام گوشن کي گڏ ڪرڻ جو جيڪو پاڻ تي ڪم کنيو آهي اهو سچ پچ داد لهي. سندس هي پهريون ڪتاب آهي جيڪو (ٺٽي جي وکريل تاريخ ـ1) جي نالي سان شايع ٿي رهيو آهي، جنهن ۾ هن محمد بن قاسم ۽ راجا ڏاهر جي وچ ۾ لڳندڙ جنگ جي جاءِ وقوع تي تحقيق ڪئي آهي.

ان ڳالهه کي اسان جا وڏا وڏا اديب بہ سلجهائي نہ سگهيا آهن. بهرحال ان تحقيق جي ڪري اسان کي تاريخ جي ٻين گمنام ماڳن مڪانن کي ڳولڻ ۾ مدد ملندي جيڪي ڏاهر — عرب جنگ سان واسطو رکن ٿا. ليڪ کي اهي ماڳ ان ڪري ڳولڻ ۾ ڪا ايتري دشواري نہ ٿي هوندي ڇو تہ هن جي والد محترم جو ننڍپڻ ان علائقي جي پٽن ۽ دڙن سان درد ونڊيندي گذريو آهي.

محمد بن قاسم جي جنگ جو ذڪر "راؤڙ" نالي هڪ علائقي جي پس منظر ۾ نظر اچي ٿو. جيستائين اهو علائقو ظاهر نہ ٿيو آهي تيستائين ڇٽي طرح چئي نہ سگهبو تہ اها جنگ ڪٿي لڳي. ها البت ڊاڪٽر بلوچ شڪ ڏيکاريندي چيو تہ اها جنگ غالباً جاتي واري علائقي "رڙي" ۾ لڳي هجي ڇو تہ راؤڙ سان ملندڙ جلندڙ لفظ "رڙي" موجود آهي. هن ڪتاب جو محقق ان ڳالهه سان سهمت نہ آهي. سندس چوڻ موجب جنگ اروڙ بجاءِ راؤڙ ۾ لڳي. جيڪو اصل ۾ "رياتڙو" ئي آهي. اهو علائقو ضلعي ٺٽي جي ساڪري واري علائقي يوسي پليجاٽي ۾ ڳوٺ محمد هاشم ڪاتيار جي آس پاس جاٽايو اٿس. سندس خيال ۾ ڇچنامو ۾ جن علائقن جا نالا ملن ٿا. اهي اتي ئي موجود آهن. جن مان جيور (جيوڙو) راؤڙ (رياتڙو) وغيره آهن جتي محمد بن قاسم ۽ راجا ڏاهر وچ ۾ گهمسان جي جنگ ڇڙي هئي. جاين

جڳهن يا ماڳ مڪانن جي معلومات لاءِ هڪ ثبوت ئي ڪافي آهي جڏهن ته هن هڪ کان وڌيڪ ثبوت ڏنا آهن جيڪي مقالي جو معيار بالا ڪن ٿا. جيئن ته ان جنگ جو پيرائتو احوال لکڻ لاءِ هن فتح نامہ يا چچنامہ مان مدد ورتي آهي جيڪو عرب۔ڏاهر جنگ بابت آڳاٽو دستاويز آهي. مٿين ٻن حوالن کان علاوه ان سان ملندڙ هڪ ماڳ "فتح جو پڙ" پڻ موجود آهي. جيڪو محمد بن قاسم جي ڪاميابيءَ ڏانهن اشارو ٿي سگهي ٿو. شايد ڪتاب تي بہ ان ڪري نالو رکيو ويو ٿو ڏسجي. جڏهن تہ فتحنامہ ۾ لفظ "ددها واه" اچي ٿو جيڪو ليکڪ جي مطابق اڄ بہ اتي ڪنهن واه جا آثار آهن جن کي مقامي ماڻهو "گدا واه" چون ٿا. عربي ۾ گ ڪونهي تي سگهي ٿو تہ انهن گدا جي متبادل ددها واه لفظ استعمال ڪيو هجي.

انهن ماڳن مڪانن تي اعتبار ڪرڻ کان اڳ ۾ هڪ سوال ٿو پيدا ٿيئي تہ ڇا واقعي اها جنگ ضلعي ٺٽي يا ساڪري جي حدن ۾ لڳي هئي؟ جڏهن ان ڳالهہ جي ڇنڊڇاڻ ٿيئي تڏهن ئي انهن ماڳن کي صحيح سمجهبو. ٺٽوي ڪاتيار ان سلسلي ۾ هيٺيان دليل ڏنا آهن جيڪي واضع ڪن ٿا تہ جنگ ضلعي ٺٽي ۾ ئي لڳي هئي.

1. ان جنگ ۾ جتن ۽ ساڪري جي وڏيرن پڻ حصو ورتو هو. جنهن مان سمجهجي ٿو تہ هي جنگ لاڙپٽ, ضلعي ٺٽي جي تعلقي ساڪري ۾ لڳي هئي.
2. راجا ڏاهر جنگ وقت پان جو استعمال پئي ڪيو جيڪو پڻ ٺٽي ۾ ٿئي ٿو.
3. گرمي جي موسم ۾ راجا ڏاهر ان علائقي ۾ ترسندو هو جتي جي هوا موزون هئي. اهو راؤڙ هوندو پر اروڙ نٿو ٿي سگهي ڇو تہ اروڙ يعني سکر جي هوا گرم هوندي آهي.

مٿيون ڳالهيون ثابت ڪن ٿيون تہ اها جنگ اروڙ بجاءِ محقق جي ڄاڻايل علائقي ۾ ئي لڳي هوندي. چچ نامو ۾ جن ٻن جڳهن جو ذڪر آهي انهن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪبي تہ جنگ ان علائقي ۾ نظر اچي ٿي. چچنامو هڪ جڳهہ جيور لکي ٿو. ان سان ملندڙ لفظ جيوڙو اڃا بہ موجود آهي جيڪو ان علائقي جو نالو آهي. عربي ۾ جيوڙو کي جيورُ ئي لکي سگهجي ٿو ڇو تہ ان ۾

ڙ نہ آهي ۽ وا جي جڳهہ تي پيش اچي ٿو. تنهن ڪري عربي ۾ ان کي جيورُ ئي لکيو ويو هوندو. جيڪو لفظ هن ڪتاب ۾ موجود آهي.

ساڳي طرح راوڙ/راور هاڻوڪو ”رياتڙو“ آهي ان جي بہ چند ڪندي لکي ٿو تہ اهو لفظ ”راءِ تڙ“ ئي هوندو جنهن کي عربي ٻولي ۾ ”راؤ تر“ ئي لکي سگهجي ٿو. شايد فارسي ٻولي ۾ ترجمي وقت ت حذف ٿي ويو هوندو. اها ڳالهہ وڌيڪ چٽي ان وقت ٿئي ٿي جڏهن تاريخ ٻڌائي ٿي تہ جيور ۽ راوڙ جي وچ ۾ درياهہ وهندو هو جنهن جو مفاصلو چار ميل هو. ان حوالي جو جائزو وٺبو تہ واقعي انهن ٻنهي مڪانن ۾ ايترو ئي مفاصلو آهي ۽ وچ ۾ دريا جا آثار پڻ موجود آهن. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ راوڙ اهوئي رياتڙو آهي جيڪا ڳالهہ ليکڪ هن ڪتاب ۾ چٽي نموني سمجهائي آهي. ليکڪ جيڪو تحقيق جو طريقو اختيار ڪيو آهي ان ۾ هن زميني حقيقتن ۽ مقامي ماڻهن وٽ موجود ڳالهين کي بہ نظر ۾ رکيو آهي تہ ان سان گڏوگڏ ادب مان بہ حوالا ڏئي ڪتاب مڪمل ڪيو آهي. ليکڪ هن ڪتاب کي چار حصن ۾ ورهائي ڳالهہ کي تمام سولو بنايو آهي. پهريون باب تاريخي مونجهارن بابت آهي. جيڪي ليکڪ مختلف ڪتابن جي مطالعي ڪندي لکيا آهن، جنهن تي ليکڪ واقعي جس لهي. ٻي باب ۾ اروڙ ۽ راوڙ ۾ فرق ڪيو آهي. جنهن سان اها ڳالهہ واضع ٿي وئي تہ اها جنگ راوڙ واري ماڳ تي ئي لڳي آهي. اروڙ جو ان سان ڪو تعلق ئي ناهي. ٽي باب ۾ برهمڻ گهراڻي جي دور حڪومت کي مختلف ڪتابن جا حوالا ڏيندي سلجهايو آهي. چوٿين باب ۾ راوڙ واري ماڳ جي نشاندهي ٿيل آهي. مجون ٽا تہ ليکڪ مطالعي ۽ مشاهدي جي ميدان ۾ عمر جي لحاظ کان ننڍو آهي پر هن جيڪا راجا ڏاهر ۽ محمد بن قاسم جي ويڙهہ وارن ماڳن ۽ مڪانن تي تحقيق ڪئي آهي اها ڪنهن بہ صورت ۾ ساراهڻ کان گهٽ نہ آهي.

**ڊاڪٽر محمد مارو خشڪ**

مڪلي، 10 مارچ 2017ع

# ٻه اکر

ساموندي ڪناري ۾ آيل ڦيرگهير، سنڌو درياهه جي وهڪرن جي تبديلين ۽ ڪجهه ٻين سببن جي ڪري سنڌ ساڻيهه ۾ وڏيون جاگرافيائي تبديليون اينديون رهيون آهن. خاص ڪري تيرهين عيسوي صديءَ کان اڳ جا بندر، شهر، وسنديون، واهڻ ۽ ٻيا ماڳ مڪان باقي ڪي وڃي رهيا آهن ۽ ٻيا سڀ اُجڙي پنهنجا نالا نشان ئي وڃائي چڪا آهن. عربن لڳاتار ڪاهون ڪري جڏهن سنڌ ملڪ تي قبضو ڪيو، تنهن وقت جي يا سندن حڪومتي دور جي ماڳن مان به تمام ڪي ٿورا جهڙي تهڙي حالت ۾ نشان بچائي موجود آهن.

چچ جي دور جو راؤڙ جو قلعو به انهن مان آهي، جنهن جا هاڻي اسين اُهي هنڌ ڳولڻ جي کوج ۾ آهيون. اُن وقت جو جڳ مشهور بندر ديبل ۽ راؤڙ انهن مان اهم ماڳ آهن، جن جي ڳولا ٿيڻ گهرجي.

راؤڙ جو قلعو چچ پنهنجي حڪومتي دور ۾ ٺهرايو هو، جتي هو اونهاري جي چئن مهينن ۾ اچي رهندو هو. انهيءَ جاءِ تي ئي محمد بن قاسم ۽ راجا ڏاهر جي وچ ۾ مقابلو ٿيو هو. اهو راؤڙ جو قلعو ڪٿي هو؟ اُن متعلق مختلف محققن جا مختلف رايا آهن. مشهور محقق، تاريخدان ۽ عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو خيال ۾ اُهو ماڳ رڙي ( جاتي شهر جي ويجهو گونگڙي وهڪري تي درياهي بندر / شهر) تي سگهي ٿو/آهي. ڪن يورپي ماهرن موجب راؤڙ جو قلعو جاتي کان نئين ڪوٽ جي وچ واري علائقي ۾ ڪٿي ٿي سگهي ٿو. شيخ محمد سومار جي لکت موجب اهو ماڳ راؤڙ ضلعي بدين ۾ ڪرهيي پانداريءَ کان ستن ميلن جي مفاصلي تي ڏکڻ ۾ آهي. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا به شيخ محمد سومار واري ڳالهه درج ڪئي آهي. گهڻو وقت اڳ ۾ مون ڪنهن هنڌ لکيو هو ته راؤڙ جو ماڳ ٽکڙ يا بلڙي شاهه ڪريم جي آسپاس ڪٿي ٿي سگهي ٿو.

ذوالفقار علي عرف ٺٽوي ڪاتيار نوجوان ليکڪ/شاعر آهي. هن راؤڙ جي هنڌ متعلق هيءَ هڪ نئي کوجنا ڪئي آهي. سندس چوڻ موجب اهو علائقو ساڪري تعلقي جي (هاٽوڪي) يونين ڪائونسل پليجاٽي ۾ ڳوٺ محمد هاشم ڪاتيار جي ويجهو آهي. جنهن هنڌ کي رياتڙو چيو وڃي ٿو سندس چوڻ آهي تہ راؤڙ ۽ رياتڙو ساڳيو آهي. انهي ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ هن نوجوان هن سلسلي ۾ چڱي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اميد تہ هو اهڙي ڪوشش ڪندو بہ رهندو. هيءَ سندس هڪ راءِ آهي، جنهن کي هن سامهون آندو آهي، جنهن لاءِ هن مختلف دليل ڏنا آهن. هن کان اڳ ڪيل تحقيق ۽ هن نوجوان جي ڪيل ڪوشش جي ڇنڊڇاڻ بہ ضرور ٿيندي ۽ ان سان ئي ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهبو.

هن نوجوان هڪ چڱي ڪوشش ڪئي آهي، ڪيس هنن ماڳن متعلق پنهنجي ڪوشش کي جاري رکڻ گهرجي ۽ اسين منجهانئس اها اميد رکون ٿا.

**ڊاڪٽر محمد علي مانجهي**

مڪلي، ٺٽو

2اپريل 2017ع

# پڌ اکر

سنڌ ڌرتي تي ڌارين جي ڪاهن ۽ انهن جي تعصب سبب سنڌ جي تاريخ کي تباهه ڪيو ويو ۽ ان کي مختلف طريقن سان اهڙو تہ منجهايو ويو آهي جو گوبلز جو ڪنڌ بہ شرم سان جهڪيو وڃي!!! وقت جي ضرورت آهي تہ ان کي صحيح سمت ۾ سلجهائي موجوده توڙي ايندڙ نسل کي صحيح تاريخ سان وابستہ ڪيو وڃي. ان عظيم ڪم لاءِ شروعاتي وکون کنيون ويون آهن. سنڌ ۾ تاريخ نويسي جي حوالي سان جيڪي نوان سَلا پيدا ٿيا آهن انهن مان ذوالفقار علي عرف ٺٺوي ڪاتيار بہ هڪ آهي. اسان جو اميدون گر موڙڻ لڳيون آهن. هاڻ نوان سچار پُٽ تاريخ نويس اڀَرندا. سچي پچي تاريخ لکي ڪاڪ جا ڪوٽ ڊاهي ڍير ڪري ڇڏيندا.

هاڻ اچون ٿا ٺٺوي ڪاتيار جي اصل موضوع "راؤڙ" ڪٿي آهي؟ ٺٺوي ڪاتيار جو مقالو پڙهڻ کانپوءِ غور ويچار ڪيو تہ هن سوال کي سلجهائڻ سان گڏ ٻيا بہ ماڳ مڪان ڇتا ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا. ان لاءِ هيٺيون ڳالهيون بنيادي آهن.

1. اُن وقت جي سنڌ جي جاگرافيائي بيهڪ ۽ دريائي وهڪرا سمجهڻ
2. حملہ آور عرب فوج ڪهڙي رستي تان آئي ۽ سنڌ ۾ ڪٿان داخل ٿي.
3. حجاز جي گورنر حجاج بن يوسف عرب حملہ آورن کي هٿيار ۽ ٻيو سامان ڪيئن ۽ ڪٿي پهچايو.
4. اُن وقت سنڌ جي شهرن ۽ قلعن بابت ڄاڻ.

اِها تاريخي حقيقت آهي تہ راجا ڏاهر ۽ محمد بن قاسم جي فيصلا ڪن جنگ سکر واري اروڙ وٽ نہ پر لاڙ جي راؤڙ واري قلعي وٽ وڙهي ويئي هئي. پر سوال اهو تہ اهو راؤڙ جو قلعو ڪٿي هو؟ ان لاءِ ٺٺوي ڪاتيار تمام گهڻا ثبوت پيش ڪيا آهن پر ان لاءِ ٻي مواد جي بہ ضرورت

آهي. سڪندر يوناني جي ڪاهه ارغونن ۽ مغلن جي دور تائين به تاريخ ثابت ڪيو آهي ته سنڌو درياءُ مڪلي جي اترين پاسي ستين وٿان وهي گجي ۽ ٻاٻڙن وٿان اڳتي هلي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. جنهن جا آثار اڄ به گهاري وٽ ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

محمد بن قاسم جو لشڪر مڪران کان آيو. لسٻيلي وٽ سنڌي ۽ عرب فوج جي وچ ۾ جهڙپ ٿي هئي. حجاج بن يوسف کان عرب لشڪر کي بحري، ٻيڙن رستي موڪليل جنگي هٿيار ۽ ٻيو سامان ديبل ويجهو پهچايو ويو. جنهن ۾ پٿر اڇلائي هٽڻ واريون منجنيقون به هيون. ان ڪانپوءِ عرب فوج ديبل فتح ڪيو. عرب فوج درياءُ جي ٻيءَ پر ڪجهه فاصلي واري فوجي قلعي راؤڙ کي ڇڏي جنگي حڪمت عملي هيٺ هڪ اهم قلعي رني ڪوٽ تي حملو ڪري قبضو ڪيو جنهن کي تاريخ نويسن غلطيءَ وچان نيرون ڪوٽ ڄاڻايو آهي. نيرون ڪوٽ تاريخ ۾ مونجهارو آهي. ان لاءِ به نقطه نظر آهن يا ته سري سان ئي اهو آهي ئي رني ڪوٽ جيڪو اڄ به سلامت آهي. جيئن اروڙ ۽ راؤڙ کي ڪجهه تاريخ نويسن هڪ ڪري لکيو آهي. ان طرح نيرون ڪوٽ کي آندو ويو آهي. جي نيرون ڪوٽ حيدرآباد هو ته پوءِ اهو دريا جي ڪاٻي پاسي هو عرب فوج درياءَ فقط هڪ دفعو راؤڙ جي قلعي تي حملو ڪرڻ لاءِ لاڙ ۾ جيور وٿان پار ڪيو هو. رني ڪوٽ کان سيوهڻ جو قلعو ويجهو ۽ درياءَ جي ساڄي پاسي هو. ان کي فتح ڪرڻ ڪانپوءِ عرب فوج راؤڙ جي شاهي قلعي جيڪا سنڌي لشڪر جي اهم ڇانوڻي هئي جتي سورهيه بادشاهه راجا ڏاهر پاڻ رهيل هو. هاڻ اهو به ثابت ٿيو ته ديبل سنڌو جي ڇوڙ کان ساڄي پاسي هو. عرب فوج جي جنگي حڪمت عملي اها هئي ته اول سنڌو جي ساڄي پاسي واري علائقي تي قبضو ڪري پير پختا ڪري پوءِ اڳتي وڌجي. اها به اهم ڳالهه آهي ته عرب جنرلن وٽ ايران جي فتح کان وٺي خشڪيءَ تي ويڙهه جا تجربا هئا. بحري ڪاهن عربن کي نقصان ڏنو هو ان ڪري عرب فوج لاءِ سنڌو درياءَ ڪٽان ۽ ڪيئن پار ڪري اهو وڏو

مسئلو هو. عرب فوج جو اصل جنگي ماهر حجاج بن يوسف هو جنهن لاءِ سمنڊ ۽ درياءَ وڏو مسئلو هئا. هن درياءَ پار ڪرڻ لاءِ محمد بن قاسم کي جيڪي هدايتون ڏنيون اهي عرب جنرلن جي سمنڊ ۽ دريا بابت خوف کي ظاهر ڪن ٿيون. سنڌ جا اروڙ ڪان راڻوَ تائين اهم قلعا ۽ ان وقت جي سرحدي صورتحال موجب اهميت ڪاہي پاسي واري علائقي کي هئي. ان جو ثبوت اهو آهي ته عرب حملہ آورن جا هٿيار ۽ رسد ڪٽي بحري ٻيڙو بنا ڪنهن رڪاوٽ جي ديبل ويجهو عرب فوج وٽ پهچي ويا.

منهنجي اڳ ۾ ديبل بابت راءِ هئي ته اهو ٻاٻڙن وٽ هو پر اهي آثار ديبل جا نہ پر راڻوَ جا آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کان مون تائين، فيصلہ ڪن جنگ راڻوَ وٽ قبول ٿا ڪن. باقي راڻوَ ۾ ديبل ڪٿي آهن ان ڏس ۾ نئتوي ڪاتيار ثبوتن ۽ شاهدين جا انبار لڳائي ڇڏيا آهن. هاڻي جن بہ تاريخ نويسن کي نئتوي ڪاتيار سان اختلاف راءِ آهي، اهي وڏيڪ اعتبار جوڳيون ثابتيون اڳيان آڻين.

**عزيز ڪينجهرائي**

ڪينجهر

20 مارچ 2017ع

# ٻه اکر

تاريخ ساز ضلعو ٺٽو جنهن جي پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ رهي آهي. هڪ منفرد ۽ شاندار تاريخ جو مالڪ رهيو آهي پر افسوس جو ٺٽي جي تاريخ جيتري لکڻ ۽ جيتري ان تي تحقيق ڪرڻ گهرجي، اها اڃا تائين ناهي ٿي سگهي. منهنجو والد محترم محمد اسماعيل شيدي، جيڪو 1937ع ۾ امتحان پاس ڪري روينيو کاتي ۾ سپروائيزنگ تپيدار پرتي ٿيو هو ان کي تاريخ سان ڪافي دلچسپي هوندي هئي. مون وٽ جيڪو ڪتابن جو خزانو آهي ان ۾ اڪثريت منهنجي والد محترم جا خريد ٿيل آهن. منهنجي والد صاحب جي ليکڪ جي ڏاڏي ۽ ان جي پائرن سان پائرن جهڙي دوستي هوندي هئي. خاص دوستي ليکڪ جي ڏاڏي جي ڀاءُ محمد عارب ڪاتيار سان هوندي هئي جنهن سان مرحوم جون ڪافي ڪچهريون ٿينديون هيون. سڀ کان اهم ڳالهه ته منهنجو والد محترم ليکڪ جي ڳوٺ واري پاسي جو تپيدار به رهي چڪو آهي. منهنجي والد محترم سان تاريخ بابت ڪچهريون ڪرڻ لاءِ پري پري کان ماڻهو ڪهي ايندا هئا. ڊاڪٽر نواز علي شوق به بابا سان ڪچهري ڪرڻ آيو هو پر شوق صاحب جنهن ڏينهن بابا سان ملڻ آيو هو ان ڏينهن بابا جو تيجهو هو.

مونکي به تاريخ سان ڪافي دلچسپي رهي آهي. مختلف موضوعن تي تحقيق به ڪئي آهي ۽ ڪافي مقالا به لکيا آهن پر ڪنهن مجبوري سبب ڇپائي نه سگهيوس. هزارين ڪتابن جو ذخيرو مون وٽ موجود آهي. 1960ع کان 1988ع تائين ايريگيشن کاتي ۾ ملازم رهيوس.

ٺٽوي ڪاتيار جي تحقيق لاءِ ايترو چوندس ته منهنجو والد محترم به اها ئي ڳالهه ڪندو هو ته عرب ۽ ڏاهر جي وچ ۾ فيصلہ ڪن جنگ ٻاڀڙن واري پاسي لڳي هئي. فتح جو پڙ، ڇڇ ميرانخور، رياتڙو ۽ جيوڙو جا نالا به

بابا ٻڌائيندو هو. ان کان علاوه ليکڪ لکي ٿو ته ڇڇ ميرانخور تي سرن جا دڪا ٿهيل آهن. انهن سرن جي دڪن کي تاريخ ۾ “پاج” چئبو آهي جن جي ذريعي طاقتور هاٿي پاڻي ۾ وهنجي واپس ٻاهر نڪرندا آهن.

ننوي ڪاتيار تاريخ ۾ منهنجو شاگرد آهي. منهنجي دوست جو پٽ ۽ منهنجي والد جي دوست جو پوٽو آهي. مونکي فخر آهي ته جيڪو تحقيقي ڪم اسان نه ڪري سگهياسين اهو اسان جي ٻچي ننوي ڪاتيار ڪري ڏيکاريو آهي.

هن ڪتاب لکڻ سان ننوي ڪاتيار به يوسف جي خريدارن ۾ پنهنجو نالو لکائي ڇڏيو آهي. سنڌ ۽ سنڌي قوم صدين تائين ڪاتيار کي ياد ڪندي رهندي. دعا آهي ته ننوي ڪاتيار جي قلم کي مالڪ سائين اجا به سگهه بخشي ۽ هو سنڌ جي تاريخ تي اجا به تحقيق جاري رکي.

**محمد عارب موج شيدي**

ٺٽو

15 مارچ 2017ع

# پنهنجي پاران

اول تعريف مالڪ سائين جي، درود پاڪ مٿي مديني واري سائين تي.

سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ لفظن جي شروعات ڪٿان ڪريان، وڏي سوچ ويچار کان پوءِ تہ ڪڏهن ڪڏهن انسان اهڙا ڪم بہ ڪري ويندو آهي جنهن جو شايد ان کي خبر چار يا احساس بہ نہ هوندو آهي. منهنجي پيدائش هڪ ڳوناٽي ڪٽنب ۾ ٿي. **منهنجو ڏاڏو مٺو فقير** هڪ درويش قسم جو انسان هو جنهن جو ڪرامتون اڄ بہ مقامي ماڻهن جي واتان ٻڌبيون آهن جڏهن تہ **منهنجو پڙڏاڏو مرحوم جعفر** ان وقت ۾ وفات ڪري ويو جڏهن منهنجو ڏاڏو اڃان ننڍو ٻار هو. منهنجو **ڏاڏو الهڏنو ڪاتيار** انگريز سرڪار جي دور ۾ (1941ع) پوليس ۾ڀرتي ٿيو. جيڪو سپاهي جي رينڪ کان ويندي صوبيدار تي 1974ع ۾ ريٽائرڊ ٿيو. تنهن کان پوءِ ڏاڏي مرحوم نٿي ضلعي ۾ شهيد پٽي پاران تحفي طور ڏنل نٿہ سيمينٽ فيڪٽري ۾ سيڪيورٽي انسپيڪٽر طور ڊيوٽي ڪرڻ لڳو. ڪجهہ سالن ۾ ڏاڏي سائين جو انتقال ٿي ويو تہ نٿہ سيمينٽ فيڪٽري وارن بابا سائين کي سن ڪوٽا تي فيڪٽري ۾ هيلپر جي نوڪري ڏني. 1984ع ۾ بابا سائين کي نوڪري ملي ۽ ان ئي سال بابا جي شادي ٿي. منهنجي پيدائش 1989ع ۾ ڳوٺ محمد هاشم ڪاتيار ۾ ٿي. اسان جي ڳوٺ توڙي ان علائقي جي اِها بدقسمتي چئبي جو اسان وٽ علم جو ڪو خاص معيار ڪونهي. انهن ڳالهين کي مدِنظر رکندي بابا سائين منهنجي پڙهائي خاطر پنهنجو اباڻو راڄ ڀاڳ، ٻنيون ٻارا، مال متاع، سنگت ساٿ ڇڏي، 1996ع ۾ نٿہ سيمينٽ فيڪٽري جي ورڪرز ڪالوني ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ ان ئي سال مونکي فيڪٽري جي اسڪول ۾ پهرين درجي ۾ داخلا وٺي ڏني.

2006ع ۾ مئٽرڪ، 2008ع ۾ آرمي ڪاليج نٿي مان انٽر پاس

ڪئي. ڪجھ ڪوتاهين ۽ ڪجھ مجبورين سبب لياقت يونيورسٽي ۾ داخلا نہ ٿي تہ پاڪ آرمي ۾ ڪميشن ڏني. اتان بہ ناڪام ٿيڻ کان پوءِ مختلف ادارن ۾ اپلاءِ ڪيو پر ڪٿان بہ ڪا خاص موٽ نہ ملي. زندگي جا مختلف مرحلا گذارڻ کانپوءِ اين آر ايس پي نٿي ۾ ڪمپيوٽر آپريٽر جي نوڪري ملي ۽ پوءِ جلد تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد جي نوڪري ملي.

اسڪول ٽائيم کان پوءِ اڪثر شام جو وقت گذارڻ لاءِ ڪجھ ڪرڻ جو سوچيو هو. اسان جي گهر جو ماحول آهي تہ اڪثر رات جو ماني کائي پوءِ ٻاهر اڱڻ ۾ سڀ گهر ڀاتي گڏجي ڪچهري ڪندا آهيون. بابا سائين پنهنجي وقت ۽ تجربي جون ڳالهيون، تاريخي قصہ، تاريخي شخصيتن، شاھ صاحب ۽ اسان جي ڳوٺ ۽ ان جي آسپاس بابت ٻڌائيندو رهندو آهي. ايئن ڳالهين ڳالهين ۾ جڏهن ٺٽي جي تاريخ جو ذڪر ايندو هو تہ خبر ناهي ڇو مونکي محسوس ٿيندو هو تہ ٺٽي جي تاريخ اڌوري آهي، جنهن تي تحقيق جي ضرورت آهي. هتي اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ مونکي ڪتابن سان شروع کان محبت هئي. ننڍپڻ ۾ ٻارن جي حوالي سان نڪرندڙ رسالا وڏي شوق سان پڙهندو هئس. 2004ع کان شاعري لکڻ شروع ڪئي هئي ان وقت آٺون نائين ڪلاس جو شاگرد هئس.

هاڻي اچون ٿا اصل موضوع ۽ هن ڪتاب تي...!

ٺٽي جي تاريخ جي حوالي سان جڏهن شوق جاڳيو تہ بابا سائين پنهنجي هڪ دوست حاجي محمد جوکيو کان تحفة الڪرام ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڪٺي آيو. جڏهن تہ استاد محترم محمد خان مارو خشڪ، منهنجي شوق کي ڏسي ڪتاب تاريخ طاهري ۽ مڪلي نامہ پڙهڻ لاءِ ڏنا. جڏهن انهن ڪتابن کي پڙهڻ شروع ڪيم تہ مختلف تضاد نظر آيا ۽ ڪجھ ڳالهيون اهڙيون بہ هيون جن کي منهنجو عقل تسليم ئي نٿي ڪيو. بعد ۾ پروفيسر سائين قلندر شاھ لڪياري سان ڳالھ ٻولھ ٿي تہ سائين چيو تہ توهان مختلف تاريخي ڪتاب پڙهو ۽ انهن مان جيڪي تضاد نظر اچن انهن کي

پاڻ وٽ لکي رکو. جيڪي تضاد نظر آيا يا جن ڳالهين کي منهنجي عقل تسليم نٿي ڪيو انهن جا تفصيلي ذڪر هن ڪتاب ۾ ڏنا آهن. پوءِ ايئن وڏيڪ ڪتابن کي پڙهڻ جو شوق ٿيو. منهنجي شوق کي ڏسي بابا سائين پنهنجي هڪ پراڻي دوست جيڪو تاريخ جو به وڏي ڄاڻو آهي استاد محمد عارب موج ڏانهن وني ويو. جنهن منهنجي شوق، جذبي، همٿ ۽ لکيل مواد کي ڏسي وڏي حوصلہ افزائي ڪئي. بعد ۾ دوست اعجاز واريو سنڌي ادبي سنگت شاخ ننڍي جي ان وقت جي سيڪريٽري فقير اڪرم مڱڻهار جو نمبر ڏنو ۽ ايئن آئون جلد ساس جو به ميمبر ٿي ان جي هر گڏجاڻي ۾ حاضري ڏيڻ لڳس. پوءِ الهڏني جوڻيجي جي ڪلام "جيئن ٿي ملاقات ٿيئي تيئن ٿي سِڪ وڏي" واري ڪار مونکي ڏينهون ڏينهن ننڍي جي تاريخ پڙهڻ جو شوق جاڳيو. ايئن تضاد لکندي لکندي کوڙ سارو مواد گڏ ٿي ويو. هاڻي سوال رهيو تہ مختلف تاريخي ماڳن تي مواد تہ آهي پر ان ماڳن جو وزٽ بہ ڪيو وڃي ۽ اتي جي مقامي ماڻهن سان بہ ملجي ۽ پڇجي تہ آخر اُهي ان بابت ڇا ٿا چون؟ پوءِ ايئن اهو سفر شروع ٿيو پر مالي وسيلن جي کوٽ، وقت جي قلت، ڊيوٽي ۽ گهر جي ذميوارين تمام گهڻو پريشان ڪيو ۽ ڪافي موجهارا بہ پيدا ٿيا. اسان جي معاشري جي اها روايت رهي آهي تہ اسان ڪنهن جي تعريف گهٽ پر ان کي مايوس گهڻو ڪندا آهيون.

آئون ڪو وڏو اديب ناهيان ۽ نہ وري پاڻ کي وڏو اديب سمجهان ٿو. آئون ادب جو هڪ ننڍڙو شاگرد آهيان. تاريخي علائقہ گهمڻ ۽ مواد گڏ ڪرڻ کان پوءِ بابا سائين چيو تہ هاڻي ڪتاب ڇپائجي، تہ جيئن تنهنجي محنت بہ رائيگان نہ وڃي ۽ گهڻن کان گهڻن ماڻهن کي اصل حقائق معلوم ٿي سگهن. ڪتاب جو پهريون نالو رکيوسين "ننڍي جي وکريل تاريخ". پر جڏهن مواد کي ڪمپوز ڪيو ( هي سڄو ڪتاب مون پاڻ ڪمپوز ڪيو آهي) تہ مواد تمام گهڻو ٿي ويو ۽ ايتري منهنجي پونجي بہ ناهي ۽ نہ وري پاري ۽ وڏي قيمت واري ڪتاب جو هاڻ ڪو رواج رهيو آهي. بعد ۾ صرف

راؤڙ واري موضوع کي ڪتابي شڪل ڏني وئي آهي باقي رهيل مواد ايندڙ ڪتاب ۾ سنڌ دوستن جي هٿن ۾ هوندو.

تاريخ ۽ تحقيق جو ڪم تمام مشڪل هوندو آهي پر ناممڪن نہ. تاريخ لکڻ ايئن جڻ نانگ لتاڙڻ. پيٽ تي پٿر ٻڌڻ. آئون هڪ پرائمري استاد آهيان، هڪ مزدور جو پٽ. مون وٽ ايترا وسائل ناهن پر تنهن هوندي بہ مون ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌ واسين تائين اصل حقائق پهچائي سگهان.

هتي اهو بہ ذڪر ڪندو هلان تہ تاريخي ماڳ راؤڙ منهنجي اباڻي ڳوٺ جي پاسي ۾ آهي يا ڪٽي ايئن چئجي تہ اهو منهنجو اباڻو ڳوٺ ئي آهي جتي راؤڙ جو ماڳ آهي. هاڻي اها خوشقسمتي چئجي يا ڪجھ ٻيو پر ڪير ايئن نہ سمجهي تہ ڪاتيار پنهنجي اباڻي ڳوٺ کي مان ڏيڻ لاءِ اهو سڀ ڪجھ ڪيو آهي. آئون صرف ڳالهين تي يقين نہ رکندو آهيان پر ڳالهين جي تھ تائين پهچڻ جي ڪوشش بہ ڪندو آهيان. مون جيڪو ڪجھ لکيو آهي اهو تاريخي ڪتابن جي آڌار تي، تاريخي ماڳن جي وزٽ، پنهنجي ذهن ۽ علم مطابق ۽ فتحنامہ سنڌ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي تہ "اميد تہ اسان مان، ٻئي ڪنهن صاحب علم کي ڏٽي توفيق ڏيندو جو هن تحقيق کي اڃا بہ وڌيڪ مڪمل ڪري، سنڌ جي تاريخ جي ڪماحقہ خدمت ڪندو" واري بنياد تي لکيو آهي. وڌيڪ فيصلو اوهان دوستن جي هٿ ۾ آهي.

دعويٰ نٿو ڪريان پر ايترو ضرور چوندس تہ هي ڪتاب صرف لائبريري يا ڊرائينگ روم ۾ ويهي ناهي لکيو. هن ڪتاب ۾ ان عظيم ماڳ تي لکڻ جي ٿوري گھڻي جسارت ڪئي اٿم، جنهن جو ذڪر تہ هر ڪوئي ڪري ٿو پر ان منزل تي اڃان تائين ڪو بہ ناهي پهتو. باقي رهيل ڳالهين تي بہ تحقيق ڪئي آهي ۽ اهو سلسلو جاري رکيو ويندو. اوهان سڀڻن جو ساٿ رهيو تہ ٻيا ڪتاب بہ جلد اوهان جي هٿن ۾ هوندا.

ڪتاب مڪمل ٿيڻ جي صورت ۾ جن جون محنتون ۽ محبتون

هن ڪتاب ۾ شامل آهن، انهن جا ٿورا ڪڏهن بہ لاهي نٿو سگهان. سڀ کان اول بابا سائين جا ڪروڙين ٿورا، جنهن منهنجي هر ممڪنہ مدد ڪئي، ساٿ ڏنو تاريخ لکڻ جو چاهہ ڏنو. ايئن سمجهو تہ هن ڪتاب جا اسين بہ مصنف آهيون، هڪ بابا ۽ ٻيو آئون. ڪتاب لکڻ توڙي تاريخ طرف آماده بہ بابا سائين ڪيو ۽ اِهو بابا سائين ئي هو جنهن ڪتاب جي تياري ۾ منهنجي هر ممڪنہ مدد ۽ سهڪار ڪيو. پئسي ڏوڪڙ کان ويندي تاريخ جي توڙي مروڙيل نالن کي سنئون سڌو ڪرڻ، انهن علائقن ۾ گڏجي هلڻ، اتي جي مقامي ماڻهن توڙي تاريخ جي ڄاڻن سان ملاقاتون ۽ تعارف ڪرائڻ سڀ بابا سائين پنهنجي ذمي ڪنيو. آئون اڄ جيڪو ڪجهہ آهيان اهو بابا سائين جي ڪري ئي آهيان. جيڪڏهن بابا سائين ساٿ نہ ڏيئي ها تہ شايد آئون ايڏي وڏي ڪوجنا نہ ڪري سگهان ها.

ان کان علاوه خاص مهربانيون سنڌي ادبي سنگت شاخ ٺٽو جي سمورن دوستن جون، سائين محمد خان مارو خشڪ، سائين عرس اوٺو سجاد ميمڻ، فقير اڪرم مڱڻهار، سائين آصف قريشي، سائين نواز شاهہ پاڏائي، صادق لاکو، ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، محبوب بروهي، حاجن سولنگي، عزيز ڪينجهرائي، استاد عارب موج، چاچا اوپايو خشڪ، حميد مهراڻوي ۽ صفدر ٺٽوي جون، جن تاريخ تي لکڻ لاءِ ڀرپور اتسايو. ڪمپوزنگ مون پاڻ ڪئي آهي پر ان سان گڏ منهنجا پائر هر هڪ شوڪت علي، لياقت علي ۽ نثار علي بہ شاملِ حال رهيا ۽ پروف ريڊنگ بہ ڪري ڏني. جڏهن تہ ننڍو ڀاءُ آصف علي گهٽ تعليم هئڻ جي ڪري ڪمپوزنگ ۾ تہ گڏ نہ هو پر سفر ۾ هر وقت گڏ رهندو هو. تصويرون مون پاڻ وجي انهن ماڳ مڪانن تي ڪڍيون آهن. ادا نور احمد ڪاتيار (مرڪزي اڳواڻ عوامي تحريڪ) جا لک ٿورا جنهن ڪتاب کي ڇپائڻ ۾ ڀرپور ساٿ ڏنو. استاد محترم سائين محمد مارو خشڪ جا بہ لک ٿورا، جنهن پنهنجي قيمتي وقت مان ڪجهہ وقت ڪڍي ڪتاب جو مهاڳ لکي ڏنو. ان کان علاوهٔ استاد محترم عزيز

ڪينجهرائي ۾ استاد محترم محمد عارب موج شيدي جا بہ لک ٿورا ۾ لک قرب، جن ڪتاب تي پنهنجا بہ اکر لکي ڪتاب کي وڏو مان بخشيو. ڊاڪٽر محمد علي مانجهي جا بہ لک ٿورا جنهن گهڻي مصروفيت هوندي بہ ڪتاب تي بہ اکر لکي ڪتاب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.

جڏهن تہ پائرن جهڙي پياري دوست رئيس حاڪم الدين جوکيو (پ پ پ اڳواڻ ضلع ٺٽو) ۽ چاچا محمد اسمعيل سرڪي (سرڪي آئل شاپ ٺٽو) جو بہ نهايت احسانمند آهيان جن هر ممڪنہ مالي مدد ڪري، ڪتاب جي ڇپائي ممڪن بنائي.

فيصلو اوهان پڙهندڙن تي ڇڏيل آهي. اوهانجي تعميري تنقيد، صلاحن مشورن ۽ حوصلا افزائي جي اکرن جو اوسيئڙو رهندو. ڪتاب پسند اچڻ يا نہ اچڻ، ٻنهي صورتن ۾ اوهان جي راءِ جو انتظار رهندو ۽ احترام ڪيو ويندو.

**ٺٽوي ڪاتيار (ذوالفقار علي ڪاتيار)**
ڪاتيار هائوس ورڪرز ڪالوني ٺٽہ سيمنٽ فيڪٽري،
مڪلي غلام الله روڊ ضلع ٺٽو
موبائل نمبر: 03243094990
thattvikatiar@gmail.com

باب پهريون:

# تاريخي مونجهارا

ڪتاب پڙهڻ وقت سڀ کان پهرين هن ڪتاب ۾ ڏنل تاريخي مونجهارن کي غور سان پڙهڻو پوندو، تنهن کان پوءِ ئي هن ڪتاب ۾ ڏنل تاريخي حقيقتن کي بهتر سمجهي سگهبو.

هي اهي ڳالهيون آهن جن کي اڄ ڏينهن تائين اسان جي ڪنهن به تاريخدان چٽو ڪري سلجهايو ناهي، جنهن سبب اسان جي تاريخ ڪافي حد تائين مونجهاري جو شڪار آهي. هي پوائنٽس منهنجي هڪ ناقص ذهن جي مطابق آهن ٿي سگهي ٿو ته اجان به ڪافي ڳالهيون هجن.

(1) **هڪ نالي سان ٻن يا ٻن کان وڏيڪ فردن، ڳوٺن، شهرن، ماڳ مڪانن، ڪوٽن قلعن ۽ قبرستانن جو هجڻ:**

مثال: مارئي جو ملڪ ملير!

ملير ڪهڙو؟ ٿر وارو يا ڪراچي وارو؟

(2) **بندر صرف سامونڊي ڪناري تي ڳولهڻ:** مثال: اگر بندر صرف سمنڊ جي ڪناري هئا ته پوءِ انسائڪلوپيڊيا سنڌيانا ته اروڙ کي به بندر لکيو آهي ۽ موجوده ٻنوري ۾ به علي بندر لکيو آهي ته ڇا اهي بندر سمنڊ تي هئا يا دريا جي ڪناري تي؟

(3) **هڪ ٻولي مان ٻي ٻولي ۾ ترجمو:** فتحنامي جي شروع ۾ جناب شمشيرالحيدري لکيو آهي ته جڏهن هڪ ٻولي مان ٻي ٻولي ۾ ترجمو ٿيندو آهي ته ان تي تي ڏاڪا اثر پوندو آهي.

(4) **تلفظ جو صحيح نه اچارڻ:** اسان وٽ اڪثر ڪري لفظ ٽوڙي موڙي ڳالهايا ويندا آهن يا انهن جا تلفظ صحيح ناهن اچاريا ويندا.

مثال: محمد کي مامد، احمد کي آمد

(5) **سنڌ جي پهرين مسجد:** ٿي سگهي ٿو ته محمد بن قاسم سڄي سنڌ ۾ ڪافي مسجدون تعمير ڪرايون هونديون، پر اهو اڄ تائين معلوم ناهي ٿي سگهيو ته پهرين مسجد ڪٿي تعمير ڪرائي؟

(6) **سنڌو دريا ڪي موجوده حالت ۾ رکي تاريخ ڳولهڻ:** ڇا دريا سنڌ اڄ کان 14 سئو سال پهرين به ساڳي رستي تان وهندو هو جنهن تان هينئر پيو وهي؟

(7) **ڏند ڪٿائن کي اهميت نه ڏيڻ:** ڪراچي سنڌ جي مارئي ۾ جناب گل حسن ڪلمتي لکي ٿو ته جتي به ڏند ڪٿائون آهن اتي لازمي ڪو واقعو ضرور ٿيو هوندو جنهن جي بنياد تي اهي ڏند ڪٿائون وجود ۾ آيون آهن.

(8) **موجوده روڊ رستن کي ذهن ۾ رکي تاريخ لکڻ:** ڪجھ ڪتابن ۾ تاريخ ايئن لکي وئي آهي ڄڻ محمد بن قاسم نيشنل هاءِ وي تان سفر ڪري سنڌ فتح ڪئي هجي؟

(9) **ترجمي وقت پيدا ٿيل مونجهارا:** هينري ڪزنس ڪتاب سنڌ جا قديم آثار ۾ لکيو آهي ته "گهڻن شهرن جي سڃاڻپ کي مترجمن ۽ مورخن نقل ڪرڻ وقت منجهائي رکيو آهي. ڇو ته ڪين ملڪ جي جاگرافيائي حالتن جي يا ته ڪا ڄاڻ ڪانه هئي يا ڪين فقط معمولي ڄاڻ هئي. انهن اکرن جا اصل ٽپڪا ختم ڪري ڇڏيا يا وري وڌيڪ ٽپڪن جو اضافو ڪيو ۽ نالن جي غلط هَجي ۽ اچارن سان مونجهارن جو اڻ کٽ سلسلو شروع ڪري ڇڏيو."

مثال: فارسي ۾ جتي لفظ "قصه" آيو آهي ان کي ترجمي ۾ "ڪچ" لکڻ.

(10) **ڪوهه، فرسنگ يا فرسخ جو صحيح تعين نه ڪرڻ:** اسان وٽ موجوده زماني ۾ مفاصلو ماپڻ لاءِ ميل يا ڪلوميٽر استعمال ڪيا آهن، جڏهن ته گذريل زماني ۾ ڪوهه يا فرسنگ استعمال ٿيندا هئا. اڄ ڏينهن تائين ڪير به صحيح تعين ناهي ڪري سگهيو ته ڪوهه يا

فرسنگ ۾ ڪيترا ميل يا ڪلوميٽر اچن ٿا؟

(11) **قبرستانن تي ڪوجنا نه ڪرڻ:** قبرستان اتي وجود ۾ ايندا آهن جتي ڪو ڳوٺ، شهر يا ڪوٽ قلعا هوندا هئا. اسان وٽ لاتعداد اهڙا قبرستان آهن جن تي ڪابه تحقيق ناهي ٿي.

(12) **عربن کي هڪ ڪري لکڻ:** محمد بن قاسم ثقفي، اميه عرب هو. جڏهن عباسي خاندان جو پهريون خليفو ابوالعباس سفاح تخت تي ويٺو ته ان پنهنجي پهرين فوج سنڌ موڪلي اميه عربن کان سنڌ کسي ورتي. مطلب ته اميه ۽ عباسي الڳ الڳ هئا وڏي ڳالهه بئي هڪ ٻئي جا دشمن هئا. جڏهن ته عباسين کانپوءِ هباري سنڌ جا حاڪم بڻيا. بعد ۾ غزنوي، هبارين کان سنڌ کسي.

(13) **ديهن کي اهميت نه ڏيڻ:** اسان وٽ هر يونين ڪائونسل ۾ ديهون ۽ ٽپا هوندا آهن ۽ اسان جي تاريخ ۾ اهي مددگار ثابت ٿينديون، بشرط ته انهن تي تحقيق ڪئي وڃي.

(14) **سڪن جي آذار تي تاريخ ڳولڻ:** جتان سڪا مليا اتي لکي ڇڏيائون ته انهن حڪمرانن جو مسڪن اهو ماڳ هو! سنڌ هڪ ملڪ هو ۽ سڄي ملڪ ۾ هڪڙي بادشاهه جو سڪو هلندو هوندو.

(15) **نئين شهر کي پراڻي نالي سان ياد ڪرڻ:** سنڌ ۾ اهو رواج رهيو آهي ته جڏهن ڪو مشهور شهر ويران ٿيندو هو ۽ بعد ۾ ان ماڳ تي يا ان جي پاسي ۾ يا ان کان ٿورو پرڀرو ڪو نئون شهر ٺهندو هو ته ان کي به ساڳي نالي سان سڏيو ويندو هو.

مثال: ديبل کانپوءِ لاڙي بندر کي به ديبل چوڻ يا ٺٽي کي به ديبل چوڻ وغيره

(16) **سائنٽيفڪ نظريي تحت تاريخ نه لکڻ:** اسان وٽ اڃا تائين سائنسي اصولن جي بنياد تي تحقيقي رجحان پيدا نه ٿي سگهيو آهي. سائين جي ايم سيد تاريخ لکڻ لاءِ جيڪي ڳالهيون لکيون آهن اهي هي آهن.

قتل شهرن جي ڪوٺائي، مختلف تاريخن جي مطالع، ڏند ڪٿائن، رسم رواج، رومانوي افسانن ۽ سماجي دستورن مان گهڻي معلومات هٿ ڪري سگهجي ٿي.

(17) **مشاهدي ۽ تجزيي جي کوٽ**: اسان وٽ تاريخ لکڻ وقت مشاهدي توڙي تجزيي کي ڪابہ اهميت ناهي ڏني ويندي.

(18) **مشابهت يا شڪ ۾ لکل ڳالهہ تي تحقيق ڪرڻ بجاءِ ان کي سچ سمجهڻ**: ڪجهہ ماڻ اهڙا آهن جن کي اسان جي محققن شڪ ۾ پراڻو ماڻ لکيو آهي يا ان کي صرف ان پراڻي ماڻ سان مشابهت ڏني آهي پر اسان وٽ بعد ۾ اهو دستور ٿي ويو تہ بابا هيڏي وڏي عظيم مورخ اها ڳالهہ لکي آهي اها غلط ڪيئن ٿي ٿي سگهي.

(19) **جانبدار ٿي تاريخ لکڻ**: جيڪو ماڻهو تاريخ کي پنهنجي فڪر جي آئيني ۾ لکندو. اهو صحيح تاريخ نہ لکي سگهندو.

(20) **حقيقتن، روايتن ۽ ڏند ڪٿائن ۾ تضاد**: اسان وٽ ڪجهہ حقيقتون اهڙيون آهن جن جو معيار عام ڳالهہ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ناهي بس انهن کي ڪتابي جاءِ ملي وئي تہ انهن کي مان ملي ويو. جڏهن تہ ڪجهہ روايتون توڙي ڏند ڪٿائون حقيقت جو روپ رکن ٿيون پر انهن کي ڪنهن ڪتاب ۾ جاءِ نہ ملي ۽ اهي هاڻي محض هڪ روايت ۽ ڏند ڪٿا جي حيثيت رکن ٿيون.

مونکي اميد آهي تہ اگر اسان هنن تاريخي مونجهارن کي ذهن ۾ رکي سنڌ جي تاريخ تي تحقيق ڪريون تہ شايد اسان جي سونهاري سنڌ جي ڪافي تاريخ سلجهي سگهي ٿي.

باب ٻيو:

# راؤڙ يا اروڙ؟

هاڻي اچون ٿا ان ڳالهه تي ته راجا ڏاهر ۽ محمد بن قاسم جي جنگ اروڙ ۾ لڳي يا راؤڙ ۾؟

مون ڪافي دوستن کان ان باري ۾ معلوم ڪيو ته اڪثر دوستن جو جواب اروڙ ئي هو. اگر اسان اروڙ کي درست قرار ڏيو ته ان جو مطلب اهو نڪرندو ته فتحنامه يا ٻيا ڪتاب سڀ غلط آهن. هتي اهو به ذڪر ڪندو هلان ته سنڌ جي قديم تاريخ تي فتحنامه سنڌ ئي جامع ڪتاب آهي جيڪو ٻي صدي هجري ۾ لکيو ويو ۽ سنڌي ادبي بورڊ پاران جن ٽن ڪتابن کي پاڪستان جي آزادي کان پوءِ ڇپائڻ جو ڪم شروع ٿيو انهن ۾ اهو ڪتاب به آهي. هن ڪتاب ۾ محقق پاران ڏنل واڌارا ۽ اشارا ۾ سنڌ جي برک محقق ۽ تاريخدان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب واضع طور لکيو آهي ته “هن پوئين عرصي ۾ جن سنڌ جي تاريخ تي قلم کنيو آهي تن مان گهڻن راؤڙ ۽ اروڙ کي هڪ سمجهيو آهي جو صحيح نه آهي.” سو سڀ کان پهرين اسان کي اهو معلوم ڪرڻو پوندو ته اها جنگ اروڙ تي لڳي هئي يا راؤڙ تي؟

سو مون به ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڳالهه مطابق اروڙ ۽ راؤڙ ۾ فرق ڪرڻ لاءِ ڪجهه نقطا لکيا آهن. اميد ته انهن کي پڙهڻ کان پوءِ اروڙ ۽ راؤڙ ۾ فرق واضع ٿي ويندو.

(1). اروڙ راءِ ساهيسي جي دور ۾ سنڌ جي گادي جو هنڌ هو. جڏهن ته راؤڙ جو بنياد چچ وڌو هو.

هاڻي چچ هڪ ٺهيل شهر جو ڪيئن وري بنياد وجهندو.؟ ڪنهن شهر جي مرمت ڪرڻ الڳ جڏهن ته ان جو بنياد رکڻ الڳ ڳالهه آهي.

(2). جڏهن راؤڙ جو قلعو فتح ٿيو تہ ڏاهر جو پٽ جيسينہ راؤڙ جي قلعي مان نڪري وڃي برهمڻ آباد ۾ وينو ۽ اتان اروڙ جي قلعي ۾ ويٺل پنهنجي ڀاءُ گوپي پٽ ڏاهر کي خط لکيائين.

اگر راؤڙ ۽ اروڙ هڪ آهن تہ پوءِ راؤڙ جو قلعو محمد بن قاسم فتح ڪري ورتو ۽ جيسينہ وڃي برهمڻ آباد ۾ وينو تہ پوءِ گوپي ڪيئن اروڙ جي قلعي ۾ وينو هو جو جيسينہ ان کي خط لکيو؟

(3). اروڙ تي جڏهن محمد بن قاسم پهتو تہ اتي جي عوام کي پورو ڀروسو هو تہ ڏاهر اڃان زنده آهي ۽ اسان جي مدد لاءِ اچي پيو. اتي محمد بن قاسم پنهنجي زال لاڏي (جيڪا پهرين ڏاهر جي زال هئي ۽ بعد ۾ غنيمت جي مال مان خريد ڪري محمد بن قاسم ان سان نڪاح ڪيو) کي قلعي وارن سان ڳالهائڻ لاءِ موڪليو.

اگر جي جنگ لڳي اروڙ تي هئي تہ پوءِ ڏاهر جي زال ڪيئن جنگ کان پهرين محمد بن قاسم جي نڪاح ۾ آئي؟

جڏهن تہ "جنت السنڌ" ۾ رحيمداد خان مولائي شيدائي لکي ٿو تہ "الور جي قلعي وٽ جنگ لڳي هئي اتي ئي راڻي مابين پاڻ کي باهہ ڏني هئي ۽ اتان ئي راڻي لاڏي هٿ آئي هئي جنهن سان محمد بن قاسم نڪاح ڪيو هو".

هاڻي تہ ڳالهہ سمجهہ کان ئي ٻاهر ٿيو وڃي تہ الور وٽ جنگ لڳي تہ پوءِ محمد بن قاسم وٽ جنگ کان پهريان ئي راڻي لاڏي ڪيئن هٿ آئي جو هن راڻي لاڏي کي قلعي وارن سان ڳالهائڻ لاءِ موڪليو.

(4). انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جلد پهرين ۾ جتي اروڙ جو ذڪر آهي اتي محمد بن قاسم ۽ راجا ڏاهر جي جنگ جو ڪو بہ ذڪر نہ آهي.

انسائڪلوپيڊيا ڪتاب ڪو هڪ ماڻهو ناهي لکندو. ڪم و بيش 500 ماڻهو (ناليوارا اديب ۽ تاريخدان) گڏجي اهو ڪتاب لکندا آهن. تہ انهن ماڻهن ان ڳالهہ تي ڇو اعتراض نہ ڪيو تہ ڏاهر ۽ عرب جي لڙائي اروڙ ۾ نہ لڳي هئي.؟

(5). فتحنامہ سنڌ جو مصنف لکي ٿو تہ ڏاهر گرمي جا چار مهينا راوڙ ۾ رهندو هو ڇو تہ اتي جي هوا موافق هئي.

ڇا سکر جي آبهوا گرمين ۾ موافق هوندي آهي؟ اڄ جي دور ۾ بہ گرمين جي موسم ۾ بہ آبهوا جي حوالي سان نٿي کي جنت قرار ڏنو ويندو آهي. ”ڪتاب ننگر نٿو جنهن جيئن ڏٺو“ ۾ لکيل آهي تہ ”نٿو پنهنجي بهترين آبهوا ۽ ميوات ڪري ايئن محسوس ٿيندو آهي ڄڻ بهشت منجهان مينهن جيان هيٺ وسي زمين تي لٿو آهي“ هڪ ٻي جڳهہ تي لکيل آهي تہ ” دلچسپ اها ڳالهہ بہ آهي تہ مطاهر نٿي کي بهشت سان تشبيهہ ڏني آهي“.

وڏي ڳالهہ تہ اڄڪلهہ گهڻن ماڻهن جي واتان يا سوشل ميڊيا تي توهان کي اهو معلوم ٿي ويندو تہ راجا ڏاهر 2 جولائي تي قتل يا شهيد ٿيو. جڏهن تہ اردو انسائڪلوپيڊيا ۾ لکيل آهي تہ راجا ڏاهر 20 جون تي قتل ٿيو. ان مان صاف ظاهر آهي تہ عرب ۽ ڏاهر جي لڙائي وقت گرمين جا ڏينهن هئا ۽ راجا ڏاهر راوڙ جي قلعي ۾ هو.

”تحفة الڪرام جي مولف جو بيان آهي تہ سنڌ کي سنيءَ آبهوا سان نوازيو ويو آهي. سندس چوڻ مطابق هن جون سانجهيون تہ واقعي خوبصورت ٿينديون آهن. سنڌ جو اتر وارو ڀاڱو گرم ۽ لاڙ وارو ڀاڱو ٿڌو ٿيندو آهي. مان سمجهان ٿو ۽ حقيقت بہ اها آهي تہ هن صوبي جي آبهوا ايڏي سني ڪانہ آهي. مان اڳي بہ ذڪر ڪري آيو آهيان تہ مارچ، اپريل ۽ مئي جي مهيني ۾ سري (اپر سنڌ) ۾ گرمي تمام گهڻي ٿي ويندي آهي. سري واري علائقي ۾ ايڏي تہ ڪوسي اگهاڙ گهلندي آهي جو سفر ڪرڻ بہ مشڪل ٿيو پوي، ان رُت ۾ سبي ۽ سنڌ جي وچ تي بربٽ مان سفر ڪرڻ بلڪل ناممڪن ٿي ويندو آهي. (ڪتاب سُکاري سنڌ، ڏکارا ماڻهو)

(6). فتحنامہ سنڌ ۾ لکيل آهي تہ ڏاهر گرميءَ جا چار مهينا راوڙ ۾ ترسندو هو ڇاڪاڻ تہ هوءَ وٽندڙ جڳهہ هئي ۽ سندس هوا موافق ۽ پاڻي خوشگوار هو. سياري جا چار مهينا برهمناباد ۾ گذاريندو هو ۽ بهار جا چار مهينا اروڙ ۾

رهندو هو.

هاڻ جيڪڏهن راوڙ ۽ اروڙ هڪ آهن تہ مٿين ڳالهہ کي غلط تصور ڪجي يا اهو چئجي تہ مصنف يا محقق جي غلطي آهي. جيڪڏهن اروڙ ۽ راوڙ هڪ آهن تہ پوءِ عبارت هيئن بہ لکجي سگهجي ٿي تہ “ڏاهر گرمي ۽ بهار جا 8 مهينا اروڙ ۾ گذاريندو هو.”

(7). اسان جا ڪجهہ تاريخي ڪتاب لکن ٿا تہ راجا ڏاهر جنگ جي وقت هاٿي تي سوار هو ۽ پالڪي ۾ ساڻس گڏ بہ ڇوڪريون بہ ويٺل هيون. جن مان هڪ کيس تير ٿي کڻي ڏنا جڏهن تہ ٻي کيس پان ٿي کارايو.

پان تہ اڄ بہ ٺٽي وارن جي سڃاڻپ آهي. پان جو فصل شروع ڪان وٺي ٺٽي ۾ ٿيئي ٿو. جناب عبدالرشيد گبول پنهنجي ڪتاب “پنيور تاريخ جي آئيني” ۾ لکي ٿو تہ پنيور جا ماڻهو پان بہ واپرائيندا هئا.

هتي اهو بہ ذڪر ڪندو هلان تہ مٿين عبارت جي حوالي سان مختلف ڪتابن ۾ مختلف ڳالهيون بيان ڪيو ويون آهن. مثال ڪنهن ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ راجا ڏاهر سان گڏ جيڪي بہ ڇوڪريون پالڪي تي ويٺل هيون انهن مان هڪ کيس پان ٿي ڏنو تي ٻي کيس تير. ڪٿي هيئن لکيل آهي تہ هڪ کيس تير ٿي ڏنا تہ ٻي کيس سوپاريون، ڪنهن ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ هڪ کيس تير ٿي ڏنا تہ ٻي کيس شراب.

هاڻي خبر ناهي تہ اصل ڳالهہ ڪهڙي آهي؟ ۽ ان ڳالهہ کي ايترو ڇو منجهايو ويو آهي؟ ٿي سگهي ٿو تہ انهن ڳالهين ۾ وڏاءُ هجي پر جي اها سچي ڳالهہ آهي تڏهن بہ پان جو ذڪر ٺٽي واري علائقي جي نشاندهي ڪري ٿو.

(8). اروڙ جي قلعي ۾ هڪ جادوگرڻ رهندي هئي، جنهن کي هنديءَ ۾ “جوڳڻي” چوندا آهن. گوپي پٽ ڏاهر ۽ شهر جي مکيہ ماڻهن انهيءَ وٽ وڃي عرض ڪيو تہ “تنهنجي علم مان اميد آهي تہ اسان کي راجا ڏاهر جي خبر ملندي تہ ڪٿي آهي؟

جادوگرياڻيءَ چيو تہ "مون کي اڄوڪو ڏينهن مهلت ڏيو تہ مان جاچ جوچ ڪري پوري خبر وٺي توهان کي واقف ڪريان". پوءِ گهر ويئي ۽ ٽن پهرن کان پوءِ سرانديپ جي ٻيٽ مان مرچن ۽ جافر جي وڻ جي تازي ۽ سائي شاخ مکڙين، گلن ۽ ڦر سميت هٿ ۾ کڻي موٽي آئي ۽ چيائين "قاف کان قاف تائين ساري دنيا جو سير ڪيم، پر سنڌ ۽ هند ۾ ڪنهن بہ جاءِ تي سندس نشان بہ ڏسڻ ڪونہ آيم ۽ نہ ڪا سندس خبر ٻڌيم، وڃي پنهنجي ڪا تدبير ڪريو. جيڪڏهن جيئرو هجي ها تہ مون کان ڳجهو پاسيرو نہ رهي ها. هن خبر جي تصديق لاءِ سرانديپ مان سايون ٽاريون توهان وٽ کڻي آئي آهيان، جيئن توهان کي مون ۾ بدگماني نہ ٿئي. مون کي پڪ ٿي ويئي آهي تہ توهان جو راجا روءِ زمين تي جيئرو ڪونہ آهي

اگر جي راجا ڏاهر اروڙ جي قلعي وٽ ماريو ويو تہ پوءِ ڪيئن اروڙ وارن جادوگرياڻي کان پڇيو تہ اسان کي ٻڌائي تہ ڏاهر ڪٿي آهي؟ ۽ وڏي ڳالھ تہ اروڙ وارن کي جادوگرياڻي ڪيئن چيو تہ توهان جو راجا زنده ڪونہ آهي؟

(9). سنڌ جو ناليوارو محقق، تاريخدان محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "راؤڙ " جي حوالي سان فتحنامہ سنڌ ۾ هڪ تفصيلي نوٽ لکيو آهي جيڪو هن ريت آهي.

"**راؤڙ**: هن پوئين عرصي ۾ جن سنڌ جي تاريخ تي قلم کنيو آهي تن مان گهڻن راؤڙ ۽ اروڙ کي هڪ سمجهيو آهي جو صحيح نہ آهي. هن جاءِ واري عبارت مان ظاهر آهي تہ راؤڙ جي قلعي جو بنياد چَچ پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ رکيو مگر ان جي پوري ٽيڻ کان اڳ هو مري ويو ۽ ان بعد سندس پٽ ڏهرسينہ ان کي مڪمل ڪرائي، اتي شهر آباد ڪيو جنهن جو نالو "راؤڙ " رکيائين. ان جي برعڪس، اروڙ هڪ قديم شهر هو ۽ چچ کان اڳ راءِ گهراڻي جي ڏينهن ۾ پڻ سنڌ جو تختگاهہ هو.ازانسواءِ اروڙ اترسنڌ ۾ (موجوده روهڙيءَ لڳ) هو ۽ راؤڙ هيٺ لاڙ ۾ مهراڻ جي دوآبي واري ٻيٽ اندر هڪ مظبوط حفاظتي قلعو هو.

راؤڙ جي قلعي ۽ شهر جي صحيح جڳھ متعين ڪرڻ مشڪل آهي. البت فتحنامي ۾ محمد بن قاسم جي ڏاهر سان لڙائي واري احوال مان هيءُ يقيني نتيجو نڪري ٿو ته راؤڙ هيٺ لاڙ ۾ مهراڻ جي ڇوڙ واري ايراضي ۾ هو. هيٺيان دليل قابل غور آهن:

اول ته محمد بن قاسم اتر طرف سيوستان (سيوهڻ) ۽ بڌيه جي علائقن فتح ڪرڻ بعد موٽي نيرون ڪوٽ ۾ آيو جو غالباً حيدرآباد واري جڳھ تي يا ان جي آسپاس هو. اتان هو ڪوچ ڪري اشبهار جي قلعي ڏانهن روانو ٿيو ۽ وڃي راؤڙ جي حد سامهون، مگر درياءَ جي الهندي ڪناري تي، جهيم ۾ ڪرهل جي پرڳڻ ۾ منزل انداز ٿيو (ص س 132 ۽ 147). بعد جي تاريخي حوالن مان ثابت آهي ته ڪرهل يا گرهڙ، ٺٽي واري ايراضي جو حصو هو. پوءِ اتان به منزل ڪٽي اچا به هيٺ جهيم جي پرڳڻي ۾ ساڪري جي ايراضيءَ ۾ وڃي مهراڻ ٽپڻ لاءِ ٻيڙيون ۽ تختا تيار ڪرايائين (ص 218). انهيءَ مان ظاهر آهي ته محمد بن قاسم لاڙ ۾ هيٺ ٺٽي ۽ ميرپور ساڪري واري ايراضي مان، جا مهراڻ جي ڇوڙ واري دوآبي ۾ ٻيٽ جي سامهون الهندي طرف هئي، درياءَ ٽپيو.

ٻيو ته محمد بن قاسم جي انهيءَ تياري ۽ تجويز وقت، لاڙ واري ايراضي جي جتن ۽ ساڪري جي وڏيرن جو ذڪر اچي ٿو (فتحنامو ص 124). جت به قديم زماني کان شاهبندر ڊويزن واري ايراضي ۾ رهندڙ آهن ۽ سندن انهن قديم بستين سبب ئي ٺٽي ضلعي جي ڏکڻ-اوڀر واري ايراضي تي نالو ئي "جاتي" پئجي ويو آهي.

ٽيو ته محمد بن قاسم جو مهراڻ جي الهندي طرفان ٽپي اوڀر طرف راؤڙ جي قلعي تائين واري بيان ۾ ڪيترن ئي ننڍن دريائن جو ذڪر اچي ٿو جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته اها مهراڻ جي هيٺين دوآبي يا ڊيلٽا واري ايراضي هئي. اول ته محمد بن قاسم ٻيڙين جي پل نهرائي، مهراڻ جي وڏي شاخ تان اڀرندي طرف ٽپيو. آڏو جيسينه "جوءِ ڪوتڪ" يعني ڪوتڪ نالي درياءَ جي هڪ ننڍي شاخ رستي اچي "ٻيٽ جي قلعي" جي حفاظت ڪئي (ص

210). هن "ٻيٺ جي قلعي" کان ڪجهه پري "جوءِ نيطري" يا درياءَ جي ٻي هڪ ننڍي شاخ "نيطري" نالي هئي، جتي راسل گرفتار ٿيو (ص 239). محمد بن قاسم " ٻيٺ جي قلعي" کان ڪوچ ڪري اچا بہ اڳتي "جوءِ ڏڏاواهہ" يعني ڏڏا واهہ واري درياءَ جي اچا بہ هڪ ٻي شاخ تي وڃي ڪئمپ ڪئي، جنهن کي راجا ڏاهر "هڏباري" جي نالي سان ٿي سڏيو(ص 242). اچا بہ محمد بن قاسم جي لشڪر ڏاهر جي فوج جي وچ ۾ هڪ "جوءِ" يا "خليج" هئي (ص 246 ۽ 241) جا ٽپي اسلامي لشڪر جنگ شروع ڪئي (ص 246)، ۽ لڙائي ۾ عرب مجاهد وڙهندا وڙهندا وڃي راؤڙ جي قلعي تائين پهتا (ص 263). آخر محمد بن قاسم جي فتح ٿي ۽ ڏاهر راؤڙ جي قلعي لڳ، "مهراڻ نديءَ جي وچ ۾ (يعني دوآبي ۾) ڏڏاواهہ وٽ مارجي ويو" (ص261 ۽ 281).

فتحنامي جي مٿين حوالن مان صاف ظاهر آهي تہ محمد بن قاسم، نيرون ڪوٽ کان گهڻو هيٺ لاڙ ۾ جهيم، ڪرهل ۽ ساڪري جي ايراضيءَ ۾ ڪنهن هنڌان درياءَ ٽپيو ۽ سندس لشڪر ۽ ڏاهر جي فوج جي وچ ۾ جنگ واري اراضي، مهراڻ جي دوآبي ۽ ان جي مختلف ڇوڙ وارين شاخن واري اراضي هئي، ۽ راؤڙ جو قلعو خود هڪ اهڙي شاخ "ڏڏاواهہ" جي لڳ هو.

فتحنامي جي بيان مان هيءُ پڻ صاف ظاهر آهي تہ راؤڙ برهمڻ آباد کان يقيني طور گهڻو هيٺ لاڙ طرف هو. ڇاڪاڻ تہ راؤڙ جي فتح بعد، محمد بن قاسم جڏهن برهمڻ آباد جو رخ ڪيو تہ اول ڪوچ ڪندو "ٻهرور" جي قلعي وٽ پهتو جو ٻن مهينن جي گهيري بعد فتح ڪيائين (ص 287). اتان وري ڪوچ ڪندو " آخر محمد بن قاسم دهليلہ ۾ پهتو" ۽ اهو قلعو پڻ ٻن مهينن جي گهيري بعد فتح ڪيائين (ص 287_289). ان بعد اتان برهمڻ آباد پهتو جو دهليلہ جي قلعي کي ويجهو هو( ص 291).

مٿين حوالن جي بناءَ تي، ڪزنس ( سنڌ جا آثار قديمہ ص 23) جو هيءُ خيال خام آهي تہ راؤڙ جو قلعو اروڙ کان 20 يا 25 ميل اولهہ يا اولهہ_ ڏکڻ طرف ڪنگري جي شهر کان ڪجهہ هيٺ واقع هو. ساڳيءَ طرح ميجر

راورٽي ( سنڌ جو مهراڻ، ص 272) جو تخمينو تہ راوڙ برهمڻ آباد کان اولهہ طرف (ڪزنس جي اندازي موجب تقريبا 10 ـ ميل ڪن) هو غلط آهي.

ڪزنس جي خيال ۾ ( آثار قديمہ ص 23، نوٽ 1) محمد بن قاسم جو درياءَ جي دوآبي وارين مختلف شاخن مان گذرڻ ۾ تڪليفن ڏسڻ جو بيان ڪٿي بہ موجود ڪونهي، ۽ انهيءَ ڪري سندس خيال ۾ راوڙ جو دوآبي ۾ هئڻ ممڪن نہ آهي. مگر هيءُ گمان غلط آهي ڇاڪاڻ تہ فتحنامي جي مٿين حوالن ۾ دوآبي خواه درياءَ جي مختلف نديين شاخن جو ذڪر موجود آهي. ميجر راورٽي پڻ راوڙ جو دوآبي ۾ هئڻ ناممڪن سمجهي ٿو ڇاڪاڻ تہ سندس خيال ۾ ( سنڌ جو مهراڻ، ص 239 حاشيو) راوڙ تي محمد بن قاسم جي حملي وقت آبڪلاٽي جي موسم هئي، ۽ ان موسم ۾ دوآبي مان گذرڻ مشڪل آهي. راورٽي جو دليل ايڏو وزندار ناهي ڇاڪاڻ تہ فوج جو دوآبي مان گذرڻ ڪٺي مشڪل هجي مگر ناممڪن ناهي. ٻيو تہ فتحنامي مان ظاهر آهي تہ محمد بن قاسم جڏهن پهريائين نيرون ڪوٽ ۾ آيو تڏهن اجا اتي مهراڻ جو پاڻي ڪونہ آيو هو مگر برساتن جي اوائلي موسم هئي ۽ پاڻي اچڻ وارو هو. ان بعد محمد بن قاسم نيرون ڪوٽ فتح ڪيو ۽ اتان مٿي وڃي سيوستان ۽ ٻڌيہ جا علائقا فتح ڪيائين، ۽ اتان موٽي نيرون ڪوٽ ۾ آيو ـ پوءِ اتان وڃي اشبهار جو قلعو فتح ڪيائين ۽ ان بعد ڏاهر جي مقابلي لاءِ مهراڻ ٽپڻ جا سانباها ڪيائين. ان جي معني تہ نيرون ڪوٽ ۾ سندس پهرين آمد بعد ڪافي عرصو گذري چڪو هو ۽ غالباً مهراڻ ٽپڻ وقت آبڪلاٽي جي موسم تقريباً ختم ٿي چڪي هئي.

ڊاڪٽر دائودپوٽي جو گمان آهي تہ "راوڙ" موجوده حيدرآباد واري جڳهہ تي هو ( فتحنامو فارسي ايڊيشن، ص 258 تي ڏنل ص 54 جو حاشيہ). اهو گمان پڻ درست ناهي ڇاڪاڻ تہ حيدرآباد واري جڳهہ تي غالباً "نيرون ڪوٽ" هو. ازانسواءِ فتحنامي جي حوالن ۾ صاف ظاهر آهي تہ راوڙ هيٺ لاڙ ۾ جهيم. ڪرهل ( نئي جي اتر اوپر واري اراضي)، ۽ ساڪري طرف درياءَ

جي دوآبي ۾ هو. هوڙي والا (ص 87) جي راءِ ته راؤڙ نيرون ڪوٽ ۽ برهمڻ آباد جي وچ ۾ هو— پڻ مبهم آهي. هيگ، جنهن مهراڻ جي دوآبي ۽ ان جي قديم شاخن جي ڪافي تحقيق ڪئي، تنهن جي راءِ ۾ راؤڙ هيٺ لاڙ ۾ ونگي جي آسپاس، اپرندي ناري جي ڪپ تي، برهمڻ آباد کان تقريباً 8 ميل ڏکڻ ۽ نيرون ڪوٽ کان اٽڪل 70 ميل ڏکڻ — اوڀر طرف واقع هو ( انڊس ڊيلٽا ڪنٽري ص 63_64). هيءَ تخمينو فتحنامي جي حوالن جي روشني ۾ البت قرين قياس آهي. اسان جي خيال ۾ راؤڙ جو قلعو غالباً لاڙ ۾ موجوده ٺٽي ضلعي جي شاهبندر سب ڊويزن ۽ حيدرآباد ضلعي جي ٽنڊي ڊويزن جي حدن ۾ ڪنهن جاءِ تي واقع هو. نالي جي مناسبت سان، شاهبندر ڊويزن ۾ قديم شهر رڙي جا ڪنڊرات شايد انهيءَ راؤڙ جي قلعي ۽ شهر جا هجن.

بهرحال راؤڙ هيٺ لاڙ ۾ هو جتي غالباً سمنڊ جي ويجهي هئڻ سبب اونهاري ۾ به اتي جي " هوا موافق" هئي، ۽ انهيءَ ڪري ڏاهر "گرميءَ جا چار مهينا راؤڙ ۾ ترسندو هو" (فتحنامو ص 93).

چئي نٿو سگهجي ته اهو شهر ڪيئن ۽ ڪڏهن ڊٺو. محمد بن قاسم جي فتح وقت به هن شهر کي دريائي رستي تي واقع هئڻ سبب هڪ مرڪزي حيثيت حاصل هئي. چنانچه برهمڻ آباد جي فتح بعد جڏهن محمد بن قاسم حڪومت جو نظام درست ڪيو تڏهن "نوبه بن دارس کي راؤڙ جي قلعي تي مقرر ڪيائين، جيئن انهيءَ جاءِ تي ٻيڙيون تيار رکي، جيڪا به ٻيڙي مٿان يا هيٺان اچي خواه وڃي، ۽ جيڪڏهن انهيءَ ۾ جنگي سامان هجي ته جهلي راؤڙ جي قلعي ۾ ڪٺي وڃي. انهيءَ (راؤڙ ) کان مٿي وارين ٻيڙين جو اختيار ابن زيادالعبدي کي ڏنائين. ڪڇ وارو طرف... هذيل بن سليمان الازدي کي ڏنائين" (فتحنامو ص 318). هن حوالي مان اهو دليل به نڪري ٿو ته راؤڙ واري سرحد پريان ڪڇ جي سرحد سان لاڳو هئي. راؤڙ جو شهر محمد بن قاسم جي فتوحات کان تقريبا پنج سئو ورهيه پوءِ به شايد موجود هو ڇاڪاڻ ته ياقوت پنهنجي ڪتاب معجم البلدان (راور) ۾،

1224ـ1228ع ڌاري لکي ٿو تہ "راؤڙ سنڌ ۾ هڪ وڏو شهر آهي جنهن کي محمد بن قاسم فتح ڪيو".

ممڪن آهي تہ هن ڪتاب جو "راور" اصل ۾ "ارور" جي غلط صورت هجي. پر جيڪڏهن اهو نالو ساڳيو زير بحث "راؤڙ" جو آهي تہ پوءِ چئبو تہ 1612ع ڌاري راؤڙ موجود هو. انهيءَ لحاظ سان شايد راؤڙ ساڳيو شاهبندر سب ڊويزن وارو قديم قٽل شهر "رڙي" هجي جو مقامي روايتن مطابق ٻہ ٽي سئو ورهيہ اڳ برباد ٿيو. انهيءَ آخري دور ۾ رڙي جتن جي قوم جو مکيہ شهر هو جو شايد ڪانئن ڪيهرن جي قوم قرض جي عيوض پنهنجي قبضي ۾ ڪيو. مثال مشهور آهي تہ "رڙي ٽڪن ۾ پڙي، مليو جتن کي جواب". لاڙ ۾ ڪيهر قوم جو مڪمل زوال تقريباً 17 صدي عيسوي جي آخري ڌاري ٿيو ۽ غالباً انهيءَ عرصي ۾ ئي رڙي جو شهر ڦٽو."

(10). صرف هڪ معمولي ڳالهہ جي بنياد تي ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ شايد راؤڙ موجوده شاهبندر ۾ هجي. ڇو تہ فتحنامہ سنڌ ۾ لکيل آهي تہ اتي جتن محمد بن قاسم جو ساٿ ڏنو هو ۽ جت تہ ٺٽي ضلعي جي جاتي پاسي گهڻائي ۾ آهن.

ڊاڪٽر صاحب جي ٿورو بہ ذهن تي زور ڏي ها تہ ڳالهہ کي سمجهي وڃي ها. پهرين ڳالهہ تہ جت ڪا ذات نہ هئي جيڪو بہ اٺ پاليندو هو يا اُٺ چاريندو هو تنهن کي "جت" سڏيو ويندو هو ان جو ثبوت خود سنڌ جي نامور محقق ۽ تاريخدان "جناب رحيمداد خان مولائي شيدائي" پنهنجي ڪتاب "جنت السنڌ" ۾ ڏنو آهي. مثال اڄڪلهہ مڇي مارڻ واري کي مهاڻو سڏيو وڃي ٿو ڇو تہ مهاڻو بہ هڪ ڌنڌو آهي. ٻي ڳالهہ تہ لازمي ناهي تہ اڄ کان ساڍا تيرنهن سئو سال پهرين جت جاتي ۾ وينل هوندا. ٽي ڳالهہ تہ ڪراچي سنڌ جي مارئي جي مهاڳ ۾ محترم امر جليل صاحب لکي ٿو تہ ڪراچي ۾ مشهور روڊ بندر روڊ تي اسان وارن همراهن کي بندر ڏسڻ ۾ ڪونہ آيا تہ ان جو نالو بدلائي ڇڏيائون ۽ ڊاڪٽر صاحب بہ بلڪل ائين ڪيو آهي.

مٿين سڀني ڳالهين کي پڙهڻ ۽ ذهن ۾ ويهارڻ کان پوءِ اسان کي چڱي طرح سمجهه ۾ اچي ويو ته اروڙ الڳ جڏهن ته راؤڙ الڳ آهن. وڏي ڳالهه ته راجا ڏاهر ۽ محمد بن قاسم جي وچ ۾ جنگ راؤڙ جي ميدان وٽ لڳي هئي نه ڪي اروڙ وٽ. جنت السنڌ توڙي تاريخ معصومي ۾ لکيل آهي ته پهرين اروڙ وٽ جنگ لڳي جنهن ۾ راجا ڏاهر مارجي ويو بعد ۾ محمد بن قاسم برهمڻ آباد جو قلعو فتح ڪيو جنهن کي اسان جي تاريخدان موجوده ضلع سانگهڙ ۾ ڏيکارين ٿا بعد ۾ وري لکن ٿا ته محمد بن قاسم اروڙ تي ڪاهه ڪئي. هتي ڳالهه سمجهه کان ٻاهر نڪريو وڃي ته جڏهن اروڙ فتح ٿي ويو ته پوءِ محمد بن قاسم دوباره اروڙ تي ڪاهه ڇو ڪئي؟

اسان وٽ اڪثر تاريخي ڪتاب لفظ راؤڙ تي متفق آهن. جن ۾ سرفهرست جن ڪتابن جا نالا آهن اهي هي آهن

- تحفة الڪرام — مير علي شير قانع ٺٽوي
- فتحنامه سنڌ — علي بن حامد ڪوفي
- سنڌ، عرب دور — ممتاز حسين پناڻ
- سنڌ جي تاريخ — اعجاز الحق قدوسي
- تاريخ سنڌ — سيد سليمان ندوي
- سنڌ جا قديم آثار — هينري ڪزنس
- سنڌ جي تاريخ — مولانا الحليم شرر
- ڪچين جا قول — محمد سومار شيخ
- لبِ تاريخ سنڌ — خان بهادر خداداد خان
- سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ — ايچ ايم ٽي لئمبرڪ

جڏهن ته صرف به ڪتاب مير معصوم جو لکيل ڪتاب "تاريخ معصومي" ۽ مولائي شيدائي جو ڪتاب "جنت السنڌ" اروڙ واري ڳالهه تي متفق آهن.

سنڌ جي تاريخ جا 90 فيصد ڪتاب توڙي تاريخدان ان ڳالهه تي

متفق آهن تہ عربن ۽ برهمڻن جي وچ ۾ فيصلہ ڪن جنگ جنهن ۾ راجا ڏاهر مارجي ويو هو اها جنگ "راڙ" جي ماڳ تي لڳي هئي. هاڻي هڪڙو سوال پيدا ٿو ٿيئي تہ جڏهن راڙ ايترو قديم ۽ سنڌ جي اهم تاريخ آهي تہ پوءِ اج ڏينهن تائين ان تاريخ کي ڇو منجهايو ويو آهي.

سلسليوار تاريخ سنڌ_جلد ٽيون سنڌ عرب دور ۾ محترم ممتاز حسين پنهار راڙ متعلق لکي ٿو تہ"عرب ليکڪن سنڌ ۾ ڪيترن ئي شهرن جا نالا ڏنا آهن جي سندن حملي وقت سنڌ ۾ موجود هئا. ديبل، راڙ، برهمڻ آباد، سيوستان، اروڙ، نيرون، السڪہ ملتان وغيره ان وقت آباد ۽ خوشحال هئا. برهمڻ آباد ۽ راڙ کان سواءِ ٻيا شهر عربن جي سڄي دور ۾ جنهن جو عرصو ٽي سو سال تائين رهيو. ساڳئي حال ۾ وسندڙ ۽ موجود هئا.راڙ جو شهر سنڌ جي راجائن جي ڇانوڻي هئي ۽ جيئن تہ ان جي آبهوا معتدل هئي، ان ڪري ان کي ڇانوڻي طور ڪم آندو ويندو هو ۽ ان ۾ فوج جا ماڻهوءَ ئي رهندا هئا. راڙ جي مشهور ۽ فيصلہ ڪن جنگ ڪانپوءِ راجا ڏاهر جي باقي رهيل فوج انهيءَ ۾ پناهہ ورتي هئي. پر عربن جي لشڪر انهن جا بنياد پيچي ڇڏيا ۽ هندو فوج جو قتلام ڪيو. عالم آشڪار آهي تہ جيڪي بہ جنگ ڪندڙ ماڻهو اتي موجود هئا، انهن کي قتل ڪيو ويو ۽ انهن جي خاندان جي ماڻهن کي غلاميءَ ۾ سلهاڙيو ويو.ان ڪانپوءِ شهر کي بنياد کان ڪيرائي ميدان بنايو ويو. ڇانوڻي جي شهر جي ايتري تباهي ڪانپوءِ جنهن ۾ ان جي سڄي آبادي کي تلوار جو کاج بنايو ويو هجي، وري سڌرڻ يا اوج وٺڻ ناممڪن هو. ان ڪري "راڙ" جو نالو تاريخ تان جڻ گم ٿي ويو ۽ وري ڪڏهن بہ ٻڌڻ ۾ نہ آيو.

هن بيان مان اها ڳالهہ واضع آهي تہ راڙ جي قلعي کي عربن جي دور ۾ ئي تباهہ ڪيو ويو بعد ۾ صرف ان جو نالو ڪتابن ۾ زنده رهيو.

رڙي کي برباد ٿيندي ڪو گهڻو وقت ناهي ٿيو. ميرن جي دور ۾ جڏهن انگريز ڊاڪٽر برنس، ميرن جو علاج ڪرڻ آيو هو تہ هڪ رات رڙي

۾ ترسيو هو. (سنڌ جي قديم آثارن جي ڊائريڪٽري) ان جو مطلب تہ ميرن جي دور تائين بہ رڙي جو وجود هو.

انهن ڳالهين مان اهو ثابت ٿي ويو آهي تہ جنگ راؤڙ جي ماڳ تي لڳي هئي ۽ هاڻي اهو منجهيل مسئلو حل ٿيڻ کپي. ڇو تہ سڀ کان پهرين اسان کي اهو تعين ڪرڻو هو تہ جنگ ڪهڙي ماڳ تي لڳي هئي ۽ ان کان پوءِ ئي ان ماڳ کي ڳولي سگهجي ٿو.

هاڻي سوال تہ اهو تاريخي ماڳ سنڌ ۾ ڪهڙي جاءِ تي واقع هو؟ ان سوال جو جواب توهان منهنجي هن ڪتاب جي باب چوٿين ۾ پڙهي سگهندا.

باب ٽيون:

# برهمڻ دورِ حڪومت

هي ڪتاب راڻوَ متعلق آهي پر برهمڻ گهراڻي جو دور حڪومت ڪي به نظر ۾ رکڻ لازمي آهي.

اسان جي تقريباً تاريخ جڻ نامڪمل آهي. جيئن راڻوَ واري ماڳ ڪي روليو ويو آهي، بلڪل ايئن برهمڻ گهراڻي جي دور حڪومت ڪي به مختلف ڪتابن مختلف سال ۾ بادشاهه لکيا آهن.

## برهمڻ بادشاهه:

اسان وٽ تاريخ جي حوالي سان مشهور ڪتاب جهڙوڪ فتحنامه سنڌ، اعجاز الحق قدوسي جو ڪتاب سنڌ جي تاريخ، سنڌ جا سورما، تحفة الڪرام، سنڌ عرب دور ۾ ڪجهه ٻين ڪتابن برهمڻ گهراڻي جا صرف ٽي 3 بادشاهه لکيا آهن. هر هڪ راجا چچ، راجا چندر ۽ راجا ڏاهر.

جڏهن ته تاريخ معصومي صرف ٻه بادشاهه لکيا آهن. معصومي لکي ٿو ته چچ کان پوءِ بادشاهت ڏاهر جي حوالي ٿي. جڏهن ته جنت السنڌ، تازو سنڌ جي تاريخ تي جامع ڪتاب انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ ڪجهه ٻين ڪتابن برهمڻ دور جا ڪافي بادشاهه ڏيکاريا آهن. ڪجهه ڪتابن ۾ چار ته ڪجهه ڪتابن ۾ ڇهه بادشاهه به لکيل آهن.

هاڻي هرڪو سوچڻ تي مجبور ٿي ويندو ته آخر برهمڻ گهراڻي جا گهڻا بادشاهه تخت نشين ٿيا؟. اهو هڪ مشڪل سوال ضرور آهي جنهن کي سلجهائڻ ٿورو ڏکيو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مير علي شير قانع ٺٽوي، سائين جي ايم سيد، ممتاز حسين پٺاڻ، اعجاز الحق قدوسي ان ڳالهه تي متفق آهن ته برهمڻ گهراڻي جا صرف ٽي بادشاهه ئي حڪومت ڪري سگهيا هر هڪ چچ، چندر ۽ راجا ڏاهر. ان ڪري اسان سيني کي ان ڳالهه

تي متفق ٿيڻ گهرجي تہ برهمڻ گهراڻي جا صرف ٽي بادشاهہ تخت نشين ٿيا. مير معصوم جو ماخذ خبر ناهي ڪهڙو آهي جو هن چندر جو نالو ئي ناهي لکيو جنهن تي خود بلوچ صاحب بہ سوال اٿاريو آهي. جيڪي ڪتاب برهمڻ گهراڻي جا چار بادشاهہ لکن ٿا انهن جي مطابق ڏهرسينہ بہ بادشاهہ هو. حالانڪ ڏهرسينہ برهمڻ آباد جو حاڪم هو ۽ برهمڻ آباد ان وقت سنڌ جو هڪ صوبو هو. خبر ناهي تہ انهن ماڻهن هڪ صوبي جي حاڪم کي ڪيئن ملڪ جو والي لکيو آهي؟ جنت السنڌ برهمڻ گهراڻي جا جيڪي ڇهہ بادشاهہ لکيا آهن انهن جا نالا هن ريت آهن. چچ، چندر، ڏهر ۽ ڏراج، ڏهر، ڏهر سياه ۽ ڏاهر.

هنن سيني ڳالهين کي پڙهڻ کانپوءِ هرڪو اندازو ڪري سگهي ٿو تہ برهمڻ گهراڻي جا صرف ٽي بادشاهہ ئي تخت تي ويٺا ۽ اها ئي درست تاريخ آهي. اميد تہ ان منجهيل تاريخ کي هاڻي درست ڪيو ويندو. باقي جيڪي ڪتاب ٽي کان وڌيڪ بادشاهہ لکن ٿا اهي صرف وڏاءُ تي ٻڌل آهي.

## برهمڻ دور جا بادشاهہ ۽ انهن جو دور حڪومت:

هاڻي اهو سوال ٿو پيدا ٿيئي تہ برهمڻ گهراڻي جا جيڪي ٽي بادشاهہ ٿيا انهن مان هر هڪ ڪيترا سال سنڌ تي ۽ جملي ڪيترا سال برهمڻ گهراڻي سنڌ تي حڪومت ڪئي؟.

اسان وٽ ڪافي تاريخ جا ڪتاب لکن ٿا تہ برهمڻ گهراڻي 632ع کان 712ع تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي يعني جملي 80 ورهيہ ۽ اها ڳالهہ درست آهي، ڇو تہ راءِ گهراڻي جو جملي دور حڪومت 137 سال آهي جيڪو 495 کان 632ع تائين رهيو ۽ 712ع ۾ عربن سنڌ فتح ڪئي هئي. پر هر هڪ بادشاهہ گهڻا سال حڪومت ڪئي ان مسئلي کي تمام گهڻو منجهايو ويو آهي. جن ڪتابن برهمڻ گهراڻي جا ٽي کان وڌيڪ بادشاهہ لکيا آهن انهن جي مطابق راجا ڏاهر جو دور حڪومت صرف 12

سال هو. البتہ جن ڪتابن صرف ٽي بادشاهہ لکيا آهن انهن مان اعجاز الحق قدوسي بہ راجا ڏاهر جو دور حڪومت 12 سال لکيو آهي. جڏهن تہ فتحنامہ سنڌ، سنڌ جا سورما، سنڌ عرب دور هر هڪ بادشاهہ جا دور حڪومت جا سال هن ريت لکيا آهن. چچ 40 سال، چندر 8 سال ۽ راجا ڏاهر 32 سال. جن جو مڪمل نچوڙ 80 سال ٿيئي ٿو ۽ اها ئي درست تاريخ آهي. هڪ اهم ڳالهہ تہ ڪتاب " لبِ تاريخ سنڌ" جنهن جي تاليف خان بهادر خداداد خان جي لکيل آهي لکي ٿو تہ برهمڻ گهراڻي جو جملي دور حڪومت 85 سال آهي. جڏهن تہ مشتاق مسرور باريچي پنهنجي ڪتاب "سنڌ بابت جامع معلومات، سوالن جواب ۾" برهمڻ دور حڪومت 88 سال لکيو آهي.

فتحنامہ سنڌ راجا ڏاهر جا چار پٽ لکيا آهن. هر هڪ نالي جيسينہ، ڏهرسينہ، وڪيہ ۽ گوپي. جيسينہ ۽ ڏهرسينہ ٻئي جنگ ۾ راجا ڏاهر سان گڏ هئا ۽ عرب جي لشڪر سان وڙهيا هئا. اگر اها ڳالهہ درست آهي تہ پوءِ ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي تہ راجا ڏاهر پنهنجي پيءُ جي زنده هوندي ان جو نالو پنهنجي پٽ تي ڪيئن رکيو. ڇو تہ اگر اسين راجا ڏاهر جو دور حڪومت 12 سال رکو تہ پوءِ جنگ جي وقت راجا ڏاهر جي پٽ ڏهرسينہ جي عمر وڌ ۾ وڌ 9 يا 10 سال ئي هوندي، ڇو تہ راجا ڏاهر جي تخت نشين ٿيڻ کانپوءِ انهي ٻنهي پائرن (راجا ڏاهر ۽ ڏهرسينہ) ۾ ڪافي اٽبت هئي ۽ ڪجهہ سالن کانپوءِ ڏهرسينہ مري ويو هو. سو ڳالهہ جو مطلب تہ راجا ڏاهر جو دور حڪومت 32 سال درست آهي. ٽي سگهي ٿو تہ ڏهرسينہ بہ راجا ڏاهر سان گڏ جنگ ۾ مارجي ويو هجي ڇو تہ بعد ۾ ڏهرسينہ جو ڪٿي بہ حوالو نٿو ملي.

ان مان اها ڳالهہ صاف ظاهر آهي تہ سن 61 هہ ۾ جڏهن ڪربلا وارو واقعو ٿيو ان وقت سنڌ ۾ راجا ڏاهر کي تخت نشين ٿيندي ڪجهہ مهينا ئي شايد ٿيا هجن. پر سنڌ جو بادشاهہ راجا ڏاهر ئي هو. ڇو تہ عربن هٿان سنڌ جو فتح ٿيڻ ۽ راجا ڏاهر جو مارجڻ وارو واقعو سن 93 هہ ۾ ٿيو آهي. 93 مان جيڪڏهن 61 ڪٽ ڪجن ٿا تہ حساب اچي ٿو 32. اسان جا

ڪافي ڪتاب راجا ڏاهر جو دور حڪومت 32 سال لکن ٿا. وڏي ڳالهہ تہ اسان وٽ اڪثر ڪتاب راجا چچ جو دور حڪومت 40 سال، راجا چندر جو دور حڪومت 7 کان 8 سال تي متفق آهن. صرف راجا ڏاهر جو دور حڪومت ڪٿي 32 سال تہ ڪٿي 12 سال لکيل آهي.

## برهمڻ گهراڻي جا بادشاهہ ۽ ان جي دورِ حڪومت:

- راجا چچ 632_672ع ٽوٽل 40سال
- راجا چندر 672_679ع ٽوٽل 8 سال
- راجا ڏاهر 679_712ع ٽوٽل 32 سال

هينري ڪزنس پنهنجي ڪتاب "سنڌ جا قديم آثار" ۾ بہ راجا ڏاهر جو دور حڪومت 32 سال لکيو آهي.

جيترو منهنجو مطالعو آهي ان آڌار تي آئون چئي سگهان ٿو تہ راجا ڏاهر جو دور حڪومت 32 سال ئي آهي. پوءِ ان کي 12 سال لکي خبر ناهي تہ ڇا ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

برهمڻ گهراڻي جي بادشاهن توڙي انهن جي ڪيل حڪومتن واري سالن کي بہ اڄ ڏينهن تائين اسان جا ساڃاوند سلجهائي ناهن سگهيا تہ پوءِ راؤڙ واري ماڳ کي اهي ڀلي پيا رولين.

## راجا ڏاهر جي تاريخ وفات:

هتي ٿورو ذڪر راجا ڏاهر جي مارجڻ واري تاريخ جو بہ ٿي وڃي. سنڌ جي تاريخ جا گهڻو ڪري سمورا ڪتاب ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ اها جنگ 10 رمضان سنہ 93 هہ تي لڳي هئي جنهن ۾ راجا ڏاهر مارجي ويو. پر اهو مسئلو اڄ ڏينهن تائين حل ناهي ٿي سگهيو تہ ان ڏينهن عيسوي ڪئلنڊر جي ڪهڙي تاريخ ۽ ڪهڙو مهينو هو؟ سال تہ 712ع لکن ٿا. فيسبڪ تي ڪجهہ دوستن اها تاريخ 2 جولائي لکي آهي ڪافي ماڻهو 2 جولائي تي راجا ڏاهر جي ورسي بہ ملهائيندا آهن. جڏهن اردو

انسائيڪلوپيڊيا ۾ سنڌ جا ڪافي ساڃاهه ونڊ 20 جون واري تاريخ تي متفق آهن. محمد صالح کهڙو جي ڪتاب ”سنڌ جي معلومات، سوالن جوابن ۾“ 24 جون لکيل آهي. جڏهن ته جنت السنڌ ۾ اها تاريخ 16 جون لکيل آهي. لب تاريخ سنڌ ۾ اها تاريخ 30 جون لکيل آهي.

هاڻي هرڪو سوچڻ تي مجبور ٿي ويندو ته هيتري عظيم ڪي تاريخ ڪي ايترو ڇو منجهايو ويو آهي. آئون محترم اوپايو خان خشڪ جو نهايت ٿورائيو آهيان جنهن فيسبڪ تي منهنجي پڇيل سوال جو جواب لکيو ته 20 جون ئي درست تاريخ آهي. خشڪ صاحب پاران اهو به لکيل آهي ته جنتري جي حساب سان به 20 جون واري تاريخ اچي ٿي. جڏهن ته اردو انسائيڪلوپيڊيا 1962ع جو شايع ٿيل آهي ۽ ڪافي مستند ڪتاب آهي. ان ۾ به اها تاريخ 20 جون 712ع لکيل آهي ۽ اها ئي مستند تاريخ آهي. اهو ڪتاب تقريباً 1700 صفحن تي مشتمل آهي ۽ ان وقت ان جي قيمت 30 روپيا هئي.

## راجا ڏاهر جي پڳدار پٽ جو درست نالو ڪهڙو هو؟

تاريخ جي ڪتابن ۾ راجا ڏاهر جي پٽن جي حوالي سان به ڪافي تضاد آهي پر هتي سوال اهو آهي ته راجا ڏاهر جو پڳدار پٽ، جيڪو راڄڙ واري جنگ ۾ به راجا ڏاهر سان گڏ هو ۽ راجا ڏاهر جي قتل ٿيڻ کان پوءِ به ڪافي وقت تائين عربن سان وڙهندو رهيو هو. محمد بن قاسم کان اڳ آيل سپهه سالار بديل بن طهفة بجلي ڪي ديبل جي ماڳ تي راجا ڏاهر جي جنهن پٽ جنگ جوٽي قتل ڪيو ۽ جنهن ڪي تاريخ راجا ڏاهر جو وڏو پٽ لکي ٿي ان جي نالي ڪي به ڪافي منجهايو ويو آهي. مثال سنڌي ڪتابن ۾ ان جو نالو جيسيا، جيسين، جئسين، جيسينه، جئه شينهن لکيو ويو آهي. جڏهن ته اردو ڪتابن ۾ جيسينه، جئه سنگهه توڙي ڀيم سنگهه به لکيو ويو آهي. خبر ناهي تي برهمڻن ڪي ڇو سک لکيو ويو آهي.؟

جيتري قدر منهنجو مطالعو توڙي مشاهدو آهي تہ راجا ڏاهر جي ان پٽ جو درست نالو جيسينہ ئي آهي. راجا ڏاهر جي پاءُ جو نالو ڪجھ ڪتاب ڏهرسين بہ لکن ٿا تہ ڪجھ ڪتاب ڏهرسينہ. ان حساب سان جيسين يا جيسينہ نالو نهڪي اچي ٿو. پر اڄڪلھ پاڙيسري ملڪ جي مختلف فلمن، ڊرامن يا ڪارٽونن ۾ بهادر سپاهي لاءِ “سينا پتي” لفظ استعمال ٿيندو آهي. پتي مان مراد هندي ٻولي ۾ شايد مڙس کي چوندا آهن پر هتي پتي مان مراد دلير مرد وٺي سگهجي ٿو جيئن اسان وٽ سنڌي ۾ دلير مرد لاءِ گهوٽ لفظ پڻ استعمال ٿيندو آهي. ڀٽائي چواڻي تہ:

“گهوٽن ۾ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجھ ڪوٽن ڪڏهن راهي رڻ جا.”

سينا مان مراد بهادر وٺي سگهجي ٿو. سينا پتي يعني “بهادر مرد”. ان حساب سان جيسينہ ئي درست نالو آهي. فتحنامہ ۾ مترجم “جيسينہ” جي معني “سوپارو شينهن” لکي آهي.

تاريخدان لاءِ هڪ اصول آهي تہ اهو هميشہ غيرجانبدار ٿي تاريخ لکي. مگر هڪ پاسي ٿي تاريخ لکڻ سان اسان وٽ تاريخ ڪافي منجهيل آهي.

تاريخ ٻڌائي ٿي تہ جڏهن راجا ڏاهر قتل ٿي ويو تہ جيسينہ آڻ ڪونہ مڃي. پهرين راؤڙ واري قلعي ۾ اچي جنگ جي تياري ڪرڻ لڳو پر پوءِ محمد علافي جي چوڻ تي راؤڙ مان نڪري برهمڻ آباد ۾ اچي جنگ جي تياري ڪرڻ لڳو. بعد ۾ اتان نڪري چتور هليو ويو ۽ جڏهن محمد بن قاسم کي معزول ڪيو ويو ۽ سنڌ ۾ افراتفري مچي وئي تہ جيسينہ حملو ڪري سنڌ جا ڪافي علائقا عربن کان کسي ورتا ۽ برهمڻ آباد جي قلعي ۾ ويهي حڪومت هلائڻ لڳو.

تاريخ اهو بہ ٻڌائي ٿي تہ خليفي سليمان بن عبدالملڪ کان پوءِ حضرت عمر بن عبدالعزيز جڏهن مرڪزي خليفو ٿيو جيڪو سليمان جو سئوٽ ۽ پيٽوبو هو ۽ ديندار ۽ خدا جو خوف دل ۾ رکندڙ ماڻهو هو. تنهن

تخت تي ويهڻ شرط هند ۾ سنڌ جي ماڻهن ڏانهن رواداري جي بنياد تي هلڻ جو حڪم ڏنو ۽ گورنرن ڏانهن هدايتون ڏياري موڪليون ته ماڻهن کي دين اسلام ڏانهن مائل ڪرڻ لاءِ تبليغ جو سلسلو جاري رکجي. راجا جيسينه به انهي تبليغ مان متاثر ٿي يا حڪومت جي بچائڻ جي خيال کان ظاهري طور اسلام جو دين قبول ڪيو ۽ کيس نئون نالو “جليسه” پڻ ڏنو ويو. جيڪي علائقا هن فتح ڪيا هئا انهن جو حاڪم اعلي تسليم ڪيو ويو. تاريخ اهو به ٻڌائي ٿي ته جڏهن اموي دور ۾ سنڌ جو پنجون گورنر جنيد بن عبدالرحمن (سنه 105 کان 111ه) سنڌ ۾ آيو ته ان راجا جيسينه سان ڪنهن معاملي تي ڪاوڙجي جنگ ڪئي جنهن ۾ راجا جيسينه گرفتار ٿيو ۽ بعد ۾ راجا جيسينه کي قتل ڪيو ويو. (ڪتاب سنڌ عرب دور، ممتاز حسين پٺاڻ)

اسان وٽ راڄوڙ جي ماڳ تي لڳل جنگ جي باري ۾ اجان تائين صحيح تعين ناهي ٿي سگهيو ته اها جنگ گهڻا ڏينهن هلي.؟ جيتري قدر مون مطالعو ڪيو آهي ته اهي اها جنگ پنج ڏينهن لکن ٿا جڏهن ته ڪافي ماڻهو چوندا آهن ته اها جنگ ڏهه ڏينهن هلي. اهو انهن جو رايو آهي

پهرين ڏينهن جي جنگ ۾ راسل پٽ وسايو عربن جي سامهون ٿيو هو پر راسل ڪابه جنگ نه ڪئي البته غلط فهمي ۾ راسل جا سپاهي قتل ٿي ويا ڇو ته راسل به پنهنجي پاءُ موڪي وانگر محمد بن قاسم کان امان وٺي چڪو هو ۽ اها جنگ محظ هڪ ڊرامو هو.

ٻئي ڏينهن جي جنگ ۾ راجا ڏاهر پاران هڪ ڪاٽو سپهه سالار (جنهن کي تاريخي ڪتابن جهاپو اڳوڻ لکيو آهي) جنگ تي آيو ۽ ان جي قتل سان ان ڏينهن واري جنگ پڄاڻي تي پهتي.

ٽئي ڏينهن راجا ڏاهر پاران جاهين جنگ تي آيو پر اهو به قتل ٿي ويو ۽ ان جي قتل سان ان ڏينهن واري جنگ ختم ٿي.

چوٿون ڏينهن خميس جو هو ۽ ان ڏينهن خود راجا ڏاهر جنگ جي ميدان ۾ آيو. شام تائين جنگ هلي پر ڪوبه نتيجو نه نڪتو ۽ آخرڪار ان ڏينهن واري جنگ به ختم ٿي.

پنجين ڏينهن واري جنگ گهمسان جي جنگ هئي ۽ اها جنگ مغرب تائين جاري رهي ۽ راجا ڏاهر جي قتل سان ختم ٿي.

هن باب مان ڇهہ (6) ڳالهيون صاف ظاهر آهن جن کي اڄ ڏينهن تائين محقق سلجهائي نہ سگهيا آهن.

پهرين ڳالهہ تہ برهمڻ خاندان جا ٽوٽل گهڻا بادشاهہ تخت نشين ٿيا؟

ٻي ڳالهہ تہ برهمڻ حاڪمن جو جملي دور حڪومت ڪيترو هو؟

ٽي ڳالهہ تہ راجا ڏاهر گهڻا سال سنڌ تي حڪومت ڪئي؟

چوٿين ڳالهہ تہ راجا ڏاهر عيسوي ڪئلنڊر جي ڪهڙي تاريخ تي مارجي ويو هو؟

پنجين ڳالهہ تہ راجا ڏاهر جي پڳدار پٽ راجڪمار جو درست نالو ڪهڙو آهي؟

ڇهين ڳالهہ تہ راؤڙ واري ماڳ تي فيصلہ ڪن جنگ گهڻا ڏينهن هلي؟

هنن ڳالهين کي اسان جي ساڃاهہ وندن ڪافي رلايو آهي پر منهنجي تحقيق موجب انهن سوالن جا درست جواب هي آهن.

برهمڻ گهراڻي جا ڪل ٽي (3) بادشاهہ تخت نشين ٿيا. هر هڪ راجا ڇچ، راجا چندر ۽ راجا ڏاهر.

برهمڻ گهراڻي جملي طور 80 سال سنڌ تي حڪومت ڪئي. عيسوي سن 632 کان 712 تائين.

راجا ڏاهر ڪل 32 سال (679_712ع) سنڌ تي حڪومت ڪئي.

راجا ڏاهر 10 رمضان 93 هہ بمطابق 20 جون 712ع تي راؤڙ جي ماڳ وٽ مارجي ويو.

راجا ڏاهر جي پڳدار پٽ جو نالو راجڪمار جيسينہ هو.

محمد بن قاسم ۽ راجا ڏاهر جي وچ ۾ راؤڙ جي ماڳ تي فيصلہ ڪن جنگ پنج (5) ڏينهن هلي. 6 رمضان کان 10 رمضان تائين.

باب چوٿون:

# راؤڙ جو ماڳ

ٺٽو ضلعو تاريخ جي حوالي سان پنهنجو مٽ پاڻ رهيو آهي. يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ جيتري قديم ۽ شاندار تاريخ ٺٽي جي آهي ايتري شايد ئي سنڌ جي ڪنهن ٻي علائقي جي هجي (سواءِ موهن جي دڙي جي). ٺٽي جو هي عظيم علائقو جنهن ڪي هاڻي پاڻ موجوده ٺٽو ضلعو چئو، پنهنجي تاريخ سان گڏوگڏ تهذيب و تمدن، تجارت، سياست، ثقافت، هنر، ڪاريگري، علم ادب، بندرگاهن، گذرگاهن، درويشن ۽ ولين جي مقبرن ۽ قبرستانن جي ڪري پنهنجي سڃاڻپ ئي ڌار رکي ٿو. هن علائقي جي تاريخ کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ليکڪن ۽ محققن وسان ڪين گهٽايو آهي. تاريخي ڪتابَ جهڙوڪ فتحنامہ سنڌ، تحفة الڪرام، مڪلي نامون، ڳالهين ڳوٺ وٽن جون ۽ ٻيا انيڪ ڪتاب جن ۾ ٺٽي جي تاريخ بيان ٿيل آهي، جڏهن تہ دور حاضر ۾ بہ گهڻن دوستن کوجنا بہ ڪئي آهي ۽ ڪتاب بہ لکيا آهن.

پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ ٺٽي جي علائقن تي جيڪا تحقيق ٿيڻ گهرجي ها، اها اڃان تائين نہ ٿي سگهي آهي. باقي رڳو سيمينار ڪرايا وڃن ٿا ۽ اڄ ڏينهن تائين اهو پتو ناهي پئجي سگهيو آهي تہ ديبل ڪٿي هو؟ عرب ۽ ڏاهر جي لڙائي ڪٿي لڳي هئي؟ اهي اهڙا سوال آهن جيڪي اڃان تائين ڳجهارت بڻيل آهن.

يا ڪٿي ايئن چئجي بقول جناب گل حسن ڪلمتي واري ڳالهہ تہ ڪراچي جي تاريخ تي نظر وجهنداسين تہ هتان جي تاريخ هتان جي ماڻهن جي مزاج وانگر خاموش آهي. ڪراچي ۽ ان جي پسگردائي ۾ بيشمار پراڻا ماڳ آهن. انهن تي تحقيق نہ هئڻ ڪري اسان انهن مان ڪو لاڀ حاصل نہ ڪري سگهيا آهيون ۽ گهڻن آثارن کي هٿ وٺي تباهہ ڪيو ويو آهي. يا

ايئن ڪٽي چئجي تہ ساڳي حالت ٺٽي سان بہ آهي ۽ ٺٽي جي تاريخ سنڌ جي ڪنهن ٻئي علائقي کي ڏيئي ڳالھ کي ختم ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي آهي.

سپ ڪان وڏي ڳالھ تہ ٺٽي ڪان بہ قديم تاريخ ضلع ٺٽي ۾ موجود ميرپور ساڪري جي آهي جنهن کي تاريخ ۾ ساڪري جي نالي سان لکيو ويو آهي. ٺٽو تہ سمن جي آخري خود مختيار حاڪم ڄام نظام الدين المعروف ڄام نندو سنہ 900ھ جي آخري ۾ تعمير ڪرايو هو پر ساڪرو تہ تمام قديم آهي عربن جي اچڻ وقت بہ ساڪري جا حوالا ملن ٿا پر خبر ناهي تہ ڪهڙي بنياد تي ساڪري کي تاريخ مان ميساريو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ راؤڙ سان گڏ توهان کي ساڪري جي قديم تاريخ بہ ملندي.

هر ڪنهن ماڻهو جو پنهنجو ذهن هوندو آهي، ڪجھ ماڻهن کي اگر ڳالھ سمجھ ۾ ناهي ايندي تہ ان موضوع کي ختم ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ڪجھ ماڻهن کي وري ڳالھ سمجھ ۾ ناهي ايندي تہ ان ڳالھ جي تھ تائين وڃڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ ڪوشش تہ ڪاميابي جي ڪنجي آهي. مون جڏهن عرب ۽ ڏاهر جي لڙائي جي حوالي سان ادب سان لاڳاپيل دوستن کان سوال ڪيا تہ "جيترا وات، اوتريون ڳالهيون" مليون. جڏهن ڳالھ سمجھ ۾ ڪانہ آئي تہ سوچيو تہ تحقيق ڪرڻ گهرجي.

فتحنامہ سنڌ ۾ اشارا ۽ واڌار ۾ سنڌ جو نامور محقق ۽ ليکڪ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ "هن پوئين عرصي ۾ جن سنڌ جي تاريخ تي قلم کنيو آهي تن مان گھڻن راؤڙ ۽ اروڙ کي هڪ سمجھيو آهي جو صحيح نہ آهي." ٻنهي علائقن کي هڪ ڪري لکڻ سان اسان جي تاريخ ۾ ڪافي مونجهارا پيدا ٿيا آهن. مون سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان ڪافي ڪتاب پڙهيا آهن جن ۾ راؤڙ جو ذڪر تہ ملي ٿو پر اهو بہ مختصر ۽ خبر ناهي ڇو ان ڳالھ کي لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي آهي.

اسان وٽ وڏي واڪي اعلان ڪيو ويندو آهي تہ نادر شاھ ارغونن ۽

ترخانن اسان جي تاريخ ٽوڙي يا اسان جي ڪتب خانن کي باهہ ڏيئي اسان کان اسان جي تاريخ کسي ويئي. يا ايئن بہ چوندا تہ وقت جي هر بادشاهہ پنهنجي تعريف ۾ تاريخ لکائي ۽ پوئين تاريخن کي باهہ جي نظر ڪري ڇڏيائون پر جيڪا تاريخ جي تباهي اسان پاڻ ڪئي آهي ان کي ڪهڙو نانءُ ڏيون. اهو هڪ وڏو مسئلو آهي جنهن تي شايد اسان مان ڪنهن وٽ بہ جواب نہ هوندو.

هن ڪتاب جي باب بئي کي پڙهڻ کان پوءِ اهو مسئلو تہ حل ٿي ويو آهي تہ اها جنگ راؤڙ جي ماڳ تي لڳي هئي. پر هاڻي مسئلو تہ راؤڙ ڪٿي هو؟ ان جي ڳولا تي وڏي کوجنا ڪئي وئي آهي پر ڪو خاطر خواه نتيجو ناهي نڪتو. انٽرنيٽ تي سرچ ڪرڻ وقت ۾ هيئن لکيل هو تہ "اها جنگ راؤڙ (موجوده نوابشاھ) وٽ لڳي هئي، جڏهن بئي هڪ جڳهہ تي لکيل هو تہ راجا ڏاهر جيور جي جنگ ۾ قتل ٿيو." ڪجهہ ڪتابن ۾ اها جنگ حيدرآباد وٽ ڏيکاريل آهي تہ ڪجهہ ڪتابن بدين ۾ اها جنگ ڏيکارين ٿا انهن جو چوڻ آهي تہ بدين ۾ جيڪو "جوڻ" جو علائقو آهي اهو دراصل "جيور" جو متبادل آهي. ڪجهہ ڪتابن ۾ اروڙ جو ذڪر آهي هاڻي اروڙ وارو قصو ئي ختم ٿيڻ گهرجي.

اسان جي تاريخ تمام گهڻي مونجهاري جو شڪار آهي جنهن کي سلجهائڻ ناممڪن تہ ناهي البتہ ڏکيو ضرور آهي. ٻي ڳالهہ تہ ان وقت جي ڪي آثار بہ ظاهر ناهن جيڪي اسان کي تاريخ سلجهائڻ ۾ مددگار ثابت ٿين. ڪجهہ ماڳ ٻي ڏياني سبب ختم ٿي ويا تہ ڪجهہ ماڳ پنهنجي مفادن کي عزيز رکندي هٿ وٺي تباهہ ڪيا ويا.

عرب ۽ ڏاهر جي لڙائي جي شروعات بقول اسان جي تاريخي ڪتابن جي تہ ارمن ٻيلي (لسٻيلہ) کان ٿي آهي. پر جيئن تہ هن ڪتاب جو عنوان "راؤڙ" آهي، ان ڪري هي ڪتاب شروع ئي اتان ٿا ڪريون.

محمد بن قاسم ۽ راجا ڏاهر جي وچ ۾ فيصلہ ڪن جنگ ضلع ٺٽي

جي موجوده ميرپور ساڪري (قديم ماڳ ساڪرو پرڳڻو) جي آسپاس ۾ لڳي هئي. هي سڀ ڳالهيون ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهن. جيڪي فتحنامه ۾ واضع لکيل آهن.

1. اول سنڌ ۾ محمد بن قاسم ديبل بندر فتح ڪيو جڏهن ته ان کان پوءِ نيرون (جنهن کي اسان جا تاريخدان اڄ وارو حيدرآباد چوڻ ٿا). بعد ۾ محمد بن قاسم سيوستان ۾ سيسم جا قلعا فتح ڪيا. جڏهن سيسم جو قلعو فتح ٿيو ته حجاج بن يوسف جو لکيو محمد بن قاسم کي پهتو تڏهن فرمان جي حڪم موجب هڪدم اتان منزل پٽي جهم جي علائقي ۾ ساڪري جي زمين ۾ پهتو ۾ دريا اڪرڻ لاءِ ٻيڙيون ۽ تختا تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. هن جڳهه تي عربن کي تقريباً پنجاهه ڏينهن ترسڻو پيو جنهن ڪري اناج ۽ گاهه جي کوٽ سبب انهن جا گهوڙا مرڻ لڳا هئا.
2. موڪي پٽ وسايي، محمد بن قاسم ڏانهن خط لکي امان ورتي ۽ نياپو ڏياري موڪليائين ته هينئر ساڪري جي راڻي سان نياڻي جي شادي جي بهاني سان وڃڻ ٿيئي ٿو. توهان هزار سوار موڪلي مون کي رستي مان گرفتار ڪجو ته جيئن ڏاهر کي بدگماني به نه ٿيئي ۽ منهنجي ذات جي گلا به نه ٿيئي.
3. ساڪري جا وڏيرا پڻ ٻيٽ واري ايراضي ۾ تيار ٿي ويٺا.
4. جهم ۽ گرهل جي حوالي سان ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪافي تحقيق کان پوءِ لکي ٿو بعد جي تاريخي حوالن مان ثابت آهي ته ڪرهل يا گرهڙ، نئي واري ايراضي جو حصو هو. پوءِ اتان به منزل ڪٽي اچا به هيٺ جهيم جي پرڳڻي ۾ ساڪري جي ايراضيءَ ۾ وڃي مهراڻ ٽپڻ لاءِ ٻيڙيون ۽ تختا تيار ڪرايائين پر افسوس جو اسان جا گهڻا ڏاها ۽ اديب موجوده جهمپير کي ئي ان دور وارو جهم لکن ٿا. مون ڪتاب جي شروع ۾ واضع طور لکيو آهي ته ٻن يا ٻن کان وڌيڪ ساڳي نالن سان ماڳ مڪانن جي

هجڻ سبب اسان جي تاريخ مونجهاري جو شڪار آهي.

هي اهي ثبوت آهن جن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو تہ اها جنگ موجوده ميرپور ساڪري واري پاسي لڳي هئي ۽ مون وٽ ان ڳالهہ جا پڪا ثبوت آهن. ساڪرو جو ماڳ بہ تمام قديم آهي جنهن جو عربن جي اچڻ وقت بہ ذڪر ملي ٿو پوءِ خبر ناهي ڪهڙي سبب ساڪري ڪي تاريخ مان گم ڪيو ويو آهي. ڪجهہ ڪتاب ساڪري ڪي ڪلهوڙن جي دور جو لکن ٿا تہ ڪجهہ وري ٽالپرن جي دور جو تہ ڪي وري انگريزن جي دور جو. ساڪرو تمام گهڻو قديم آهي پر افسوس جو ان تي ڪابہ تحقيق ناهي ٿي. هنن ڳالهين جي آڌار تي اهو بہ چئي سگهجي ٿو تہ ساڪرو اسلام جي اچڻ وقت بہ موجود هو تہ ٿي سگهي ٿو تہ سڪندر يوناني جي اچڻ وقت بہ ساڪرو موجود هجي.

ان ڪري هن ڪتاب جي شروعات بہ موجوده ميرپور ساڪري کان ڪجي ٿي. اگر اسين ڀنڀور کي ديبل سمجهون ۽ ابن حوقل پاران ڏنل سنڌ جو نقشو ڪڍو ۽ گجي شهر جي مقامي رهواسين توڙي محترم عبدالرشيد گبول جي ڪتاب "ساڪرو ان جا ماڳ ۽ ماڻهو" جي ڳالهہ مطابق تہ گجي جي ڀرسان دريا وهندو هو ۽ دريا جو گُج جي ڪري هن علائقي جو نالو ئي گجو پئجي ويو. سڀ کان اهم ڳالهہ تہ تحفة الڪرام ۾ مير قانع لکي ٿو تہ 751هہ ۾ محمد شاهہ "طغي" نالي غلام جي پويان نٽي آيو ۽ ٽرڙي ديهہ ۾ دريا جي ڪناري منزل ڪيائين. تاريخ مظهر شاهجهاني ۾ لکيل آهي تہ دريا گجي کان بہ ميل پريان وهندو هو. مشهور جاگرافي دان المسعودي جو پاڻ سنہ 300هہ ۾ سنڌ جو دورو ڪريو ويو هو. اهو ٻڌائي ٿو تہ مهراڻ دريا ساڪري واري ايراضي مان وهي وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو.

انهن ڳالهين مان صاف ظاهر آهي تہ دريا سنڌ ڪڏهن گجي جي ڀرسان وهندو هو. جيترو منهنجو مطالعو، مشاهدو ۽ تجزيو آهي تہ اهو دريا درگاهہ شيخ ابو تراب (ٽرڙي) وٽان ٿيندو اڳيان ٻاهڙا ڳوٺ آهي اتان ٿيندو

منهنجي اباڻي ڳوٺ (ڳوٺ محمد هاشم ڪاتيار) وٽان ٿيندو اڳيان وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو.

اسان وٽ تاريخ ڪافي منجهيل آهي جنهن کي سلجهائڻ لاءِ دماغ تي ڪافي زور ڏيڻو پوندو ۽ ڪوشش ڪبي ته پراڻين تاريخن کي پڙهڻ ڪانپوءِ صرف انهن جي اشارن تي ڪونه هلبو ڪجهه پنهنجو ذهن به ڊوڙائڻو پوندو.

فتحنامہ تحفةالکرام توڙي سنڌ عرب دور ۾ هيٺين عبارت ساڳي لکيل آهي.

“محمد بن قاسم بيٽ جي قلعي کان راؤڙ ڏانهن روانو ٿيو ۽ نيٺ انهيءَ جاءِ وٽ پهتو جنهن کي جيور ٿي چيائون. راؤڙ ۽ جيور جي وچ ۾ هڪ خليج (پاڻي جي گهاري) هئي. ڏاهر انهيءَ آبگير (ڇڇ) جي گهيڙ وٽ حفاظت خاطر ڪي هٿياربند ۽ خاص ماڻهو ويهاريا، ته نظر ڪندا رهن.” تاريخي ڪتابن ۾ اصل لفظ راور ۽ جيور آهن پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته معمور يوسفاڻي واري ڳالهه ته “هيڏي عظيم تاريخ کي اسان جي اديبن ايترو ته منجهايو آهي جو گهڻ پڙهيل لکيل ماڻهو ته ان کي سلجهائي ئي نٿو سگهي”. پر منهنجو ذاتي رايو آهي ته گهڻ پڙهيل ته ڇا ڇڳو پلو به مشڪل سان سلجهائي سگهي ٿو. ڇو ته ان تاريخ کي اسان جي اديبن شايد سياري جي سوڙ سمجهيو آهي جو هر ڪو پنهنجي پاسي پيو ڇڪيندو وڃي. انگريز محققن به ان ماڳ تي ڪافي تحقيق ڪئي پر اهي به ڪنهن خاطر خواه نتيجي تي نه پهچي سگهيا، جڏهن سنڌ جا مقامي ماڻهو ئي ان ڳالهه جي تهه تائين نه پهچي سگهيا ته پوءِ ڌاريا ڇا ڪري سگهندا. نسيم حجازي پاران ان جنگ تي لکيل ناول ۾ ته اها جنگ برهمڻ آباد وٽ ڏيکاري آهي هن جو لکڻ آهي ته جنگ لڳي ئي برهمڻ آباد وٽ هئي نه ڪي راؤڙ وٽ. ڪتاب ڪڇين جا قول ۾ محترم محمد سومار شيخ ان جنگ کي ڪڇ ڏانهن ڪڍي ويو آهي. سمجهه ۾ نٿو اچي ته ان عظيم تاريخ کي ايترو ڇو منجهايو ويو آهي. سنڌ جو برک ڏاهو محقق محترم نبي بخش خان بلوچ وڏي تحقيق

ڪانپوءِ ان نتيجي تي پهتو تہ اها جنگ موجوده ضلع ٺٽي ۾ ميرپور ساڪري جي طرف لڳي هئي پر افسوس جو هڪ معمولي ڳالھ جي بنياد تي بلوچ صاحب شاهبندر جي پاسي رڙي کي وڃي راؤڙ لکيو آهي.

اسان کي اگر ڪا هڪ بہ پوائنٽ ملي وڃي تہ اسان ان جي بنياد تي سچي تاريخ سلجهائي سگهون ٿا.

محترم شمشير الحيدري صاحب فتحنامہ ۾ لکيو آهي تہ جڏهن هڪ ٻولي مان ٻي ٻولي ۾ ترجمو ٿيندو آهي تہ ان تي ٿي ڏاڪا اثر پوندو آهي يا ڪٽي ايئن چئجي تہ وقت سان نالن ۾ ڦيرڦار بہ ايندي آهي.

اها جنگ منهنجي اباڻي ڳوٺ محمد هاشم ڪاتيار موجوده يونين ڪائونسل پليجاڻي (اڳوڻي يوسي گجو) تعلقو ميرپور ساڪرو ضلعو ٺٽو جي پاسي ۾ لڳي هئي. هاڻي ڪير ايئن نہ سمجهي تہ ٻين محققن وانگر ڪاتيار بہ ان جنگ کي پنهنجي ضلع پنهنجي تعلقي پنهنجي يوسي ۽ پنهنجي ڳوٺ ڏانهن ڪٽي ويو آهي. منهنجي ڳوٺ جي پاسي ۾ مون ان ڪري لکي آهي تہ منهنجي ڳوٺ جي آسپاس ۾ اهي سڀ ماڳ اڄ بہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح موجود آهن. مثال: جيوڙو رياڻڙو فتح جو پڙ گدا واه ۽ ڇيچ ميرانخور. مون مٿي لکيو آهي تہ دريا سنڌ منهنجي ڳوٺ وٽان ٿيندو وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. جنهن جو وڏو ثبوت اهو آهي تہ جڏهن محمد بن قاسم جيور ۾ اچي منزل ڪئي تہ راجا ڏاهر هاٿي تي چڙهي اچي عرب لشڪر جي سامهون منزل ڪئي. مهراڻ جو پاڻي عرب ۽ ڏاهر جي وچ ۾ هو. اتي هڪ شامي ڪوشش ڪئي تہ گهوڙو ڊوڙائي وڃي راجا ڏاهر تي حملو ڪريان. راجا ڏاهر هڪ زوردار تير هنيو جيڪو وڃي شامي کي لڳو ۽ شامي کي مرندي ڏسي ٻي ڪنهن ۾ اهڙي همت ڪانہ ٿي. جيور منهنجي ڳوٺ کان اتر۔ اوڀر پاسي آهي جڏهن تہ راؤڙ منهنجي ڳوٺ کان ڏکڻ — اوڀر ۾ آهي. تاريخ اسان کي اهو بہ ٻڌائي ٿي تہ جيور ۽ راؤڙ جي وچ وارو مفاصلو چار ميل هو ۽ اگر هن وقت بہ اسان جيور ۽ راؤڙ جو فاصلو ماپيو تہ ايترو ئي ٿيندو.

فرق صرف اهو آهي تہ مقامي ماڻهو اڄڪلهہ ”جيور“ کي ”جيوڙو“ ۽ ”راؤڙ“ کي ”رياڻو“ ڪري سڏيندا آهن. جڏهن تہ رياڻي جي بلڪل قريب ۾ ”ڇڇ ميرانخور“ ڊنڊ آهي ۽ ڇڇ جي قريب ۾ ”فتح جو پڙ“ نالي هڪ ميدان آهي جنهن جي باري ۾ مقامي ماڻهن مطابق راجا ڏاهر ۽ عربن جي وچ ۾ جنگ لڳي هئي جيڪا عربن کٽي هئي انڪري ئي ان ماڳ کي فتح جو پڙ يعني فتح جو ماڳ سڏيو ويچي ٿو. منهنجي ڏاڏي جو وڏو ڀاءُ مرحوم محمد عارب ڪاتيار جيڪو انگريز پوليس کاتي ۾ حولدار هو (انگريز جي دور ۾ حولدار کي جمعدار چوندا هئا) ان کي تاريخ سان ڪافي دلچسپي هئي. بابا سائين ٻڌائيندو آهي تہ چاچا مرحوم ٻڌائيندو هو تہ راجا ڏاهر ۽ محمد بن قاسم جي جنگ انهن ماڳن تي لڳي هئي. جڏهن تہ ان جي قريب ۾ ”ڦهري“ نالي هڪ جڳهہ آهي جنهن جي مطابق مقامي ماڻهو جو چوڻ آهي تہ اتي ڪو وڏو ڦهر يا ظلم ٿيو هو جنهن جي بنياد تي ان جڳهہ جو نالو ڦهري پئجي ويو آهي. هاڻي اگر اسان انهن سڀني ماڳ مڪانن کي گڏ ڪنداسين تہ اسان کي سچي تاريخ سمجهہ ۾ اچي ويندي.

فتحنامہ سنڌ ۾ لکيل آهي تہ جڏهن محمد بن قاسم مهراڻ جي ڪناري تي هو تہ سليمان بن نبهان قريشي کي حڪم ڪيائين تہ توکي پنهنجو لشڪر وٺي راؤڙ جي قلعي جي مقابل لڙائي لاءِ وڃڻ گهرجي تہ جيئن ڏاهر جو پٽ گوپي پيءُ جي مدد تي نہ اچي سگهي. سليمان ڇهہ سو ماڻهو ساڻ وٺي لڙائي تي ويو.

هتي اهو بہ واضع ڪندو هلان تہ راجا ڏاهر ۽ محمد بن قاسم جي وچ ۾ جنگ راؤڙ جي قلعي کان ڪجهہ مفاصلي تي اولهہ طرف هڪ ميدان تي لڳي هئي ۽ سليمان بن نبهان ٿي سگهي ٿو تہ راؤڙ جي قلعي جي اوڀر پاسي لشڪر وٺي ويو هو.

منهنجي ڳوٺ جي قريب ٻاٻڙا ڳوٺ آهي اتان کان ڏکڻ طرف ڪجهہ مفاصلي تي فون موري اسٽاپ جي اولهہ پاسي هڪ درگاهہ آهي

جنهن کي عام ماڻهو "ڪاني وارو پير" ڪري چون ٿا. مون خود ان درگاهہ جو وزٽ ڪيو آهي. درگاهہ جي پيراندي هڪ تمام اوچي ڪاني لڳل آهي، جيڪا هاڻي تہ گهٽي ٿتي چڪي آهي پر موجود ضرور آهي. جڏهن اتي جي مقامي ماڻهن توڙي خليفن سان مليوس تہ انهن ٻڌايو تہ ڪاني وارو پير، وڏي ڪاني لڳل هجڻ سبب عوام ۾ ايئن مشهور ٿيو باقي اسان جا وڏا چوندا هئا تہ اهو سلطان هو جيڪو محمد بن قاسم واري لڙائي جو شهيد آهي ۽ اتي تمام پراڻو مقام بہ آهي، جيڪو ان وقت جي شهيدن جو آهي. اڄان تائين اتي ڪافي مقدار ۾ پراڻي دور جون سرون ۽ پٿر پيل آهن. مقامي ماڻهو ڪاني واري پير جو نالو سلطان پير بہ ٻڌائيندا آهن. هتي اها بہ وضاحت ڪندو هلان تہ اها درگاهہ منهنجي اباڻي ڳوٺ جي قريب آهي ۽ خود منهنجو بابا سائين ننڍي هوندي جڏهن مال چاريندو هو تہ انهن ماڳ مڪانن جو ڪافي ڄاڻو آهي. بابا سائين بہ ٻڌائيندو آهي تہ پنهنجا وڏا بہ اها ڳالهہ ٻڌائيندا هئا جيڪا ڳالهہ درگاهہ جي خليفن ٻڌائي آهي. يوسي گجو ۾ ڳوٺ سليمان قريشي آهي جيڪي پاڻ کي سنڌ خليفا بہ سڏائين ٿا. انهن جو چوڻ آهي تہ سلطان پير المعروف ڪاني وارو پير اسان جو ڏاڏو آهي.

هاڻي اگر اسين ڏند ڪٿائن، تاريخي ڪتابن جي آڌار ۽ درگاهہ جي وزٽ ۽ بيهڪ کي گڏ ڪريون تہ ڳالهہ صاف ظاهر ٿي ويندي تہ ٻاڦڙا روڊ تي جيڪا درگاهہ آهي جنهن کي مقامي ماڻهو ڪاني وارو پير يا سلطان پير چون ٿا، دراصل اهو محمد بن قاسم جي دور ۾ شهيدن جي آهي. جتي اها درگاهہ آهي ان سڄي علائقي کي عام ماڻهو رياتڙو چون. رياتڙو درحقيقت اهو علائقو آهي جنهن کي اسان جي تاريخي ڪتابن "راور يا راؤڙ" ڪري لکيو آهي. راؤڙ مان اهو علائقو رياتڙو ڪيئن ٿيو؟ ان جو جواب مون ان ڪتاب جي شروع ۾ تاريخي مونجهارن ۾ ڏيئي ڇڏيو آهي.

وڌيڪ وضاحت ڪندو هلان تہ رياتڙو ٿي سگهي ٿو تہ راءِ يا راؤ جي تڙ مان نڪتل هجي ڇو تہ برهمڻن کان اڳ سنڌ تي راءِ گهراڻي جي

حڪومت هئي. تڙ لفظ سنڌي ۾ پتڻ کي بہ چوندا آهن تہ بينڪ لاءِ بہ ڪتب ايندو آهي. بعد ۾ جڏهن راجا چچ اتي قلعي جو بنياد رکيو تہ ان کي راءِ جي تڙ يا راؤ جو تڙ وارو قلعي جو نالو ڏنو ويو هجي. راءِ جو تڙ بعد ۾ بدلجي رياتڙو ٿي ويو. جيئن اسان وٽ بهمنوا کي برهمڻ آباد لکن ٿا. يا چئي سگهجي ٿو تہ رياتڙو سنڌي لفظ آهي بعد ۾ جڏهن عربي يا فارسي ۾ ان جنگ جو احوال لکيو ويو تہ انهن رياتڙي جي متبادل راور يا راؤڙ جو لفظ استعمال ڪيو. مثال عربي ۾ نيشنل کي ناشيونال، ڪراچي کي ڪراتشي، سوئزرلينڊ کي سويسرا چوندا آهن. ان جو وڏو ثبوت اهو آهي تہ فتحنامہ ۾ جتي بہ راؤڙ جو نالو آيو آهي اتي و واري اکر مٿان ننڍو الف ڏنل آهي، جيڪو مون هن ڪتاب جي ٽائٽل تي واضع لکيو آهي.

ٻاٻڙا تائين ٿي رستا اچن ٿا هڪ رستو گهارو گولائي کان ساڪري طرف ويندڙ رستي تي جتي ڪوسٽ گارڊ وارا ويٺا آهن اتان هڪ رستو سڌو ساڪري طرف وڃي ٿو تہ جڏهن تہ ٻيو رستو اوپر پاسي واري ٻاٻڙن تائين اچي ٿو. ٻاٻڙن تائين ٻيو رستو نئو — ڪراچي نيشنل هاءِ وي تي گهارو ۽ گجي جي وچ ۾ سلطان آباد آهي اتان بہ رستو ٻاٻڙن تائين اچي ٿو جڏهن تہ ٽيو رستو غلام الله کان ٻاٻڙن تائين اچي ٿو. ٻاٻڙا تي ٻاٻڙا ذات جا ماڻهن جا ڪافي ڳوٺ آهن جن ۾ ڳوٺ حاجي الياس ٻاٻڙو، حاجي شيرو ٻاٻڙو، حاجي صديق ٻاٻڙو، پريو ٻاٻڙو، ڳوٺ مظفر ٻاٻڙو ۽ ٻيا. ٻاٻڙا ذات سبب ئي ان ننڍڙي ماڳ جو نالو ٻاٻڙا آهي. ٻاٻڙا جو ذڪر ان ڪري لکيو آهي تہ اتان کان پوءِ ٻيا ماڳ ڳولڻ ۾ آساني ٿيندي. ٻاٻڙن کان ڏکڻ اولهہ طرف واري سڄي ماڳ کي مقامي ماڻهو اڄ بہ "جيوڙو" چوندا آهن ۽ جيوڙو دراصل تاريخي ماڳ جيور جي بگڙيل شڪل آهي. جيور کي بہ اسان جي تاريخي ڪتابن ۾ مختلف نالا ڏنا ويا آهن مثال جيور، جيپور، چتور، چترور وغيره. اصل سنڌي لفظ جيوڙ آهي، عربي يا فارسي ۾ ڙ جي جڳهہ تي صرف ر جو اکر استعمال ڪيو ويو ٻي ڳالهہ تہ اسان جي معاشري جي عادت آهي تہ اسان اڪثر

ڪري اڏ نالا پڪاريندا آهيون يا هرويرو نالن جي اڳيان و جو اکر لڳائيندا آهيون مثال نوازو ڪي نوازو، ڪرم ڪي ڪرمو، شوڪت ڪي شوڪو وغيره.

جيوڙي جي ماڳ تي باءِ روڊ اچڻ لاءِ ٻاٻڙا ڪان ڏکڻ طرف هڪ سم نالو اوير ڪان اولهه طرف وڃي ٿو جنهن کي مقامي ماڻهو ٻاٻڙا سم نالو چوندا آهن. سم نالي تي روڊ وٽ ڪجهه دڪان آهن اتان باءِ رستو اولهه پاسي ڪجهه مفاصلي تي سم نالي جي ڏکڻ ۾ ڳوٺ رحمت الله ڪاتيار جڏهن ته ڳوٺ رحمت الله ڪاتيار جي بلڪل سامهون سم نالي جي اترين پاسي ڳوٺ گل محمد ڪاتيار آهي. ڳوٺ گل محمد ڪاتيار جي ايرندي پاسي واري سڄي ماڳ کي مقامي ماڻهو جيوڙو چوندا آهن ۽ اهو جيوڙو دراصل تاريخي ماڳ جيور آهي. ڳوٺ رحمت الله ڪاتيار جي ڏکڻ پاسي منهنجو (راقم) جو اباڻو ڳوٺ محمد هاشم ڪاتيار آهي.

تاريخ ٻڌائي ٿي ته جڏهن محمد بن قاسم جيور ۾ هو ته راجا ڏاهر انهن جي سامهون اچي ٿيو. مهراڻ جو پاڻي انهن جي وچ ۾ هو ان مان مراد ته ان وقت دريا منهنجي ڳوٺ وٽان وهندو هو.

جتي هن وقت ڪاتيارن جا ڳوٺ آهن مقامي ماڻهو توڙي اسان جا وڏا اها ڳالهه ڪندا هئا ته اتان ڪڏهن درياهه وهندو هو. جيوڙي ڪان رياتڙو گهٽ ۾ گهٽ چار ميل ڪن ٿي ويندو. راقم جي ڳوٺ ڪان ڪجهه فاصلي تي ڏکڻ ۾ هڪ ميدان کي اڄ به "فتح جو پڙ" سڏيو ويندو آهي، جنهن جي لاءِ مقامي ماڻهو توڙي اسان جا وڏا ڳالهه ڪندا هئا ته اتي محمد بن قاسم ۽ ڏاهر جون فوجون آمهون سامهون ٿيو هيون ۽ اتي ئي جنگ لڳي هئي ۽ اتي ئي راجا ڏاهر قتل ٿيو هو. فتح جي پڙ جي بلڪل قريب ۾ اڄ به ڪنهن واهه جا آثار موجود آهن، مقامي ماڻهو ان کي گدا واهه سڏيندا آهن ۽ انهن جو چوڻ هو ته اهو واهه فتح جي پڙ ڪان ٿيندو ڇڇ ميرانخور ۾ پوندو هو فتح جي پڙ ڪان ڪجهه مفاصلي تي اوير طرف رياتڙي جو ميدان آهي ۽ رياتڙي مان مراد راؤڙ آهي. راؤڙ جي ماڳ تي هڪ درگاهه آهي جنهن جو مٿي ذڪر آيل آهي.

مقامي ماڻهن اهو به ٻڌايو ته اهو پير محمد بن قاسم سان گڏ آيو هو ۽ ان جنگ ۾ شهيد ٿيل آهي ۽ ان سان گڏ ٻيون جيڪي قبرون آهن انهن ۾ اڪثريت جنگ جي شهيدن جون آهن. اتي پراڻي دور جا پٿر پيل آهن ۽ بقول خليفن جي اڳين وڏي مقدار ۾ چاندي ۽ ٽامي جا سڪا به ملندا هئا. خود مونکي به ٽامي جا ڪجهه سڪا مليا هئا جيڪي گهٽي وقت گذرڻ سبب ساوا ٿي چڪا هئا. فتح جي پڙ کان ٿوري مفاصلي تي رستم پنجابي جو گهر هوندو هو. بابا سائين ٻڌائيندو آهي ته رستم پنجابي جي گهر جي پاسي ۾ تمام گهڻي تعداد ۾ پٿر لڳل هوندا هئا جنهن کي مقامي ماڻهو "روهين وارو پوٺو" چوندا هئا بعد ۾ اهي پٿر اتان ڪڍي پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪيا ويا. منهنجي اندازي مطابق اهي پٿر قبرن جي سيراندي يادگار طور لڳايا ويا هئا ڇو ته لازمي ڳالهه آهي ته جنگ ۾ گل ناهن ڇٽيا. اگر راجا ڏاهر جا سپاهي قتل ٿيا يا راجا ڏاهر قتل ٿيو ته گهٽ عربن سان به نه ٿي هوندي.

فتح جي پڙ لاءِ بابا سائين ٻڌائيندو آهي ته جڏهن برسات پوندي هئي ته فتح جي پڙ تي جابلو گاهه ۽ ڪنڀيون به نڪرنديون هيون ۽ اهو پٽ ايترو ته صاف ۽ شفاف ڏسڻ ۾ ايندو هو جو انسان جو عقل دنگ رهجي ويندو هو. بقول بابا سائين جي ته ايترو صاف ۽ شفاف ميدان ڏسي اسان پنهنجي وڏن کان ان بابت پڇيو نه ته ان عمر ۾ اسان کي تاريخ سان ڪا به دلچسپي نه هئي. پر افسوس جو سم ۽ ڪلر ان کي تباهه ڪري ڇڏيو. اهو ذهن نشين ڪيو وڃي ته راجا ڏاهر ان وقت راوڙ جي قلعي ۾ هو پر جنگ قلعي کان ٻاهر لڳي هئي ڇو ته تاريخي ڪتابن ۾ اچي ٿو ته راجا ڏاهر جي قتل کان پوءِ اسلامي لشڪر باقي سپاهين کي ڏڪيندو اچي راوڙ جي قلعي کي پهتو. بعد ۾ راوڙ جي قلعي ۾ راڻي مايين پاڻ کي باهه جي نظر ڪري ڇڏيو. ڪجهه ڪتاب لکن ٿا ته محمد بن قاسم راجا ڏاهر جي گهرواري لاڏي سان شادي ڪئي. اها لاڏي به عربن کي راوڙ واري قلعي مان هٿ آئي هئي.

جڏهن ته فتح جي پڙ کان ڪجهه مفاصلي تي ڏکڻ طرف ڳوٺ ولي

محمد پتافي وٽ "چچ ميرانخور" نالي اڄ بہ ڍنڍ موجود آهي. مون خود وڃي ان ڍنڍ جو وزٽ ڪيو تہ اتي جي مقامي ماڻهن ٻڌايو تہ اها ڍنڍ تقريباً ٽي ميل ڊگهي ۽ هڪ ميل ويڪري آهي.

يوسي گجو توڙي ان جي آسپاس ۾ "چچ" نالي سان ڪافي ڍنڍون آهن جن ۾ "چچ ميرانخور" "چچ ساهڙڪو" "چچ ناري" "چچ وراڪو". هاڻي انهن ڍنڍن جا نالا "چچ" ڇو آهن انهن جي هڪ وڏي ڪهاڻي آهي.

چچ جو نالو: بقول هوڙي والا جي تہ چچ جو نالو ٽي سگهي ٿو تہ "جج" هجي. پر منهجي ذاتي راءِ آهي تہ چچ جو اصل نالو ٽي سگهي ٿو تہ "چچ" هجي. ڇو تہ چچ سنڌي هو ۽ اهو نالو بہ سنڌي هوندو. پوءِ جڏهن سن ٽي هجريءَ ۾ فتحنامہ کي عربي ۾ ۽ بعد ۾ فارسي ۾ لکيو ويو تہ ان کي "چ" جي متبادل "چ" اکر لکيو ويو هوندو. ڇو تہ عربي ۽ فارسي ۾ سنڌي جو اکر "چ" ڪونهي ۽ وڏي ڳالهہ تہ اسان جي تاريخ جا گهڻا ڪتاب "فتحنامہ" مان اخذ ٿيل آهن. راقم جي اباڻي ڳوٺ جي پاسي ۾ "چچ" جي نالي سان ڍنڍون آهن. جن جي باري ۾ مقامي ماڻهو چون ٿا تہ اتي راجا ڏاهر جون فوجي چانوڻيون هيون. ڇو تہ ان وقت ۾ جنگيون گهوڙن ۽ هاٿين تي ٿينديون هيون. پوءِ اها بہ ڳالهہ آهي تہ ڍنڍن جي پاسي ۾ چانوڻيون قائم ڪيون ويون يا چانوڻين جي پاسي ۾ ڍنڍون تعمير ڪرائي ان کي بادشاهہ جي نالي سان منسوب ڪيو ويو ۽ ٿي سگهي ٿو تہ "چچ" جو نالو بعد ۾ ڦري "چچ" ٿي ويو هجي. ان تي وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي.

"چچ ميرانخور" جي پاسي ۾ ٿي راجا ڏاهر پڙاءُ ڪيو هو ۽ ان ڍنڍ جي پاسي ۾ راجا ڏاهر قتل ٿيو هو ٿي سگهي ٿو تہ چچ ميرانخور جو لفظ مير ۽ خور مان نڪتل هجي جيڪو راجا ڏاهر کي ڪائي ويو. چچ ميرانخور وٽ ٽن جڳهن تي سرن سان دڪا ٺهيل هوندا هئا جيڪي منهنجي بابا سائين خود پنهنجي اکين سان ڏٺا هئا ۽ مقامي ماڻهو انهن جي باري ۾ ٻڌائيندا هئا تہ اتي راجا ڏاهر جي هاٿين کي وهنجاريو ويندو هو. افسوس سان چوڻو ٿو

پوي تہ جڏهن مون ڇيڇ ميرانخور جو وزٽ ڪيو ۽ دڪن جي پڇا ڪئي تہ اتي جي مقامي ماڻهن ٻڌايو تہ انهن دڪن جي پاسي ۾ هاڻي ڪجهہ ماڻهو ڳوٺ ٺاهيو ويٺا آهن انڪري سنو نٺو لڳي تہ پاڻ انهن جي گهرن ۾ هلون.

وقت تمام گهڻو گذري چڪو آهي جيڪر جنهن وقت ۾ فتحنامہ تي بلوچ صاحب تحقيق ڪري رهيو هو ان وقت ۾ اسان جي ڳوٺن واري پاسي اچي ها تہ بلوچ صاحب کي ڪافي آثار بہ ملن ها ۽ تاريخ بہ سلجهي وڃي ها ڇو تہ اسان جي وڏا ڳالهہ ڪندا آهن تہ جيڪي آثار اسان ننڍي هوندي ڏٺا هئا اهي هاڻي صفا ختم ٿي چڪا آهن. وڏي ڳالهہ تہ مقامي ماڻهو اهو بہ ٻڌائيندا آهن تہ صدر ايوب خان واري دور حڪومت ۾ بلڊوزرن ۽ ٽريڪٽرن ذريعي بہ انهن ماڳ مڪانن کي بلڊوز ڪيو ويو هو. بابا سائين ٻڌائيندو آهي تہ راؤڙ (رياتڙي) واري ماڳ لاءِ پنهنجا وڏا اهو بہ ٻڌائيندا هئا تہ اتي ڪافي تعداد ۾ ڪاري رنگ جا اوچا دڙا هوندا هئا. جنهن سبب مقامي ماڻهو ان پوري علائقي کي ڪاريون پٽون چوندا هئا. بعد ۾ اهي ڪاريون پٽون بہ ان صفائي جي نظر ٿي ويون.

نوٽ: مون جيڪو ڪجهہ لکيو آهي اهو تاريخي ڪتابن جي آڌار تي، تاريخي علائقن جي وزٽ ۽ پنهنجي تحقيق، تجربي، مشاهدي، مطالعي ۽ وڏڙن جي ٻڌايل ڳالهين جي بنياد تي. باشعور محقق ۽ ليکڪ، فردن ۽ قبيلن بجاءِ مجموعي قومي مفادن کي وڌيڪ اهميت ڏيندا آهن. مون وٽ ايترا وسائل نہ آهن جو آئون ان سيني ماڳن جو باريڪ بيني سان مشاهدو ڪري سگهان. جيڪڏهن ڪو دوست منهنجي ڳالهہ سان سهمت ناهي تہ ان کي تحقيقات جي مڪمل آزادي حاصل آهي. باقي آئون هن ڪتاب جي وسيلي سنڌ توڙي پاڪستان جي اديبن، محققن، تاريخدانن، سنڌ حڪومت، آرڪيالاجي کاتو پرنٽ توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا وارن کي اپيل ڪندوس تہ اهي ان ماڳن جو باريڪ بيني سان مشاهدو ڪن، مخصوص ماڳن جي کوٽائي ڪرائين تہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪافي لڪل راز سامهون اچي سگهن ٿا.

فتحنامہ مان اڪثر حوالہ ان ڪري ڏنا آهن جو ان تاريخي ڪتاب ۾ اسان کي ڪافي ماڳن جي خبر پوي ٿي. ٻين ڪتابن ۾ ايترا ماڳ لکيل ناهن جيترا فتحنامہ ۾ آهن. مثال تحفة الڪرام يا سنڌ عرب دور ۾ صرف راؤڙ ۽ جيور جا نالا ملن ٿا. اهم ڳالهہ تہ مون صرف انهن ماڳن تي لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن تي عرب ۽ ڏاهر جي وچ ۾ فيصلہ ڪن جنگ جو احوال ملي ٿو. مون ڪوشش ڪئي آهي تہ غيرجانبدار ٿي تاريخ لکان انڪري مون کي يا منهنجي ڪتاب کي ڪنهن هڪ پاسي ڪٽي وڃڻ درست نہ ٿيندو. ڇو تہ محمد بن قاسم ۽ راجا ڏاهر جي حوالي سان اسان وٽ ڪافي متضاد ڳالهيون موجود آهن ۽ انهن ٻنهي سوچن کي مڃڻ وارا ماڻهو موجود آهن. پر مون انهن سيني ڳالهين کان هٽي ڪري صرف راؤڙ واري ماڳ ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مالڪ سائين جا ڪرم آهن جو آئون پنهنجي ان ڪوشش ۾ ڪافي حد تائين ڪامياب ٿيو آهيان. وڌيڪ فيصلو پڙهندڙ ڪندا.

هتي اها بہ وضاحت ڪندو هلان تہ آئون اروڙ واري قلعي جو انڪاري نہ آهيان. آئون تسليم ٿو ڪريان تہ اروڙ وارو قلعو تمام گهڻو قديم آهي. برهمڻ گهراڻي کان اڳ سنڌ تي راءِ گهراڻي جي حڪومت هئي ۽ اروڙ انهن جو راڄڌاني هو ۽ بعد ۾ برهمڻ گهراڻي بہ اروڙ کي راڄڌاني برقرار رکيو. عربن بہ 125هہ تائين اروڙ کي تختگاهہ بڻايو هو بعد ۾ اميہ عربن، عباسين توڙي هبارين، منصوره کي تختگاهہ بڻايو. راؤڙ واري قلعي جو تہ بنياد ئي راجا ڇچ رکيو هو. پر راجا ڏاهر سان فيصلہ ڪن جنگ اروڙ واري قلعي تي نہ پر راؤڙ واري قلعي وٽ لڳي هئي. يا ايئن ڪٽي چئجي تہ راجا ڏاهر جو مقتل گاهہ راؤڙ / رياتڙو آهي نہ ڪي اروڙ.

# فٽ نوٽ

(1) اهل وطن کي سنڌي زبان ۾ شايع ٿيل هن ڪتاب جي اهميت کان واقف ڪرڻ لاءِ مٿيان اشارا ضروري هئا. ورنہ بندو پنهنجي هن ڪافي محنت کي اجا ناڪافي سمجهي ٿو. اميد تہ اسان مان، ٻئي ڪنهن صاحب علم کي ڌڻي توفيق ڏيندو جو هن تحقيق کي اجا بہ وڌيڪ مڪمل ڪري، سنڌ جي تاريخ جي ڪما حقہ خدمت ڪندو.

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ** (فتحنامہ سنڌ، ص: ج)

(2) ڪا غلطي ۽ ڪوتاهي ٿي ويئي هجي ۽ ڪنهن پياري کي وڌيڪ تحقيق جي توفيق ٿئي تہ انهي کي اصلاح لاءِ عرض آهي. اهو قدم ضرور ذڪر خير ۾ داخل ٿي ويندو.

**مير علي شير قانع ٺٽوي** (**تحفة الڪرام ص:** 286)

(3) اجا تحقيق جو رستو بند نہ آهي. جيڪي بہ هن کان پوءِ معلوم ٿيندو ويندو جو ڪتاب ۾ داخل ڪرڻو آهي. دوستن کي بہ عرض آهي تہ جيڪڏهن ڪين وڌيڪ تحقيقات ٿئي تہ هنن ورقن ۾ داخل ڪرڻ سان ضرور احسان جا مستحق ۽ ثوابن جا وڌيڪ حقدار ٿي سگهندا.

**مير علي شير قانع ٺٽوي** (**تحفة الڪرام ص:** 335)

(4) بدقسمتي سان سنڌ جي انهي سونهري دور جي پوري طرح تاريخ نہ لکجي سگهي آهي. مختلف تاريخن جا چند ٽڪرا گڏي ڪجهہ احوال معلوم ڪري سگهجي ٿو. ليڪن هن ڳالهہ جي ازحد ضرورت آهي تہ ڪي محب وطن ان سموري مسئلي تي تفتيش (ڪوجنا) ڪري ان دور جي مڪمل تاريخ لکن.

**سائين جي ايم سيد** (**ڪتاب سنڌ جا سورما، ص** 18)

# مددگاري ڪتاب


- فتحنامہ سنڌ — علي بن حامد ڪوفي
- تحفةالڪرام — مير علي شير قانع ٺٽوي
- سنڌ، عرب دور — ممتاز حسين پٺاڻ
- جنت السنڌ — مولائي شيدائي
- ننگر ٺٽو جنهن جيئن ڏٺو — قادر بخش پٽو ٽرسٽ
- سڪاري سنڌ ڏڪارا ماڻهو — ڪئپٽن جئمس مئڪمرڊو
- سنڌ جي تاريخ — اعجاز الحق قدوسي
- تاريخ سنڌ — سيد سلمان ندوي
- تاريخ سنڌ — مولانا عبدالحليم شرر
- تاريخ معصومي — مير معصوم بکري
- ڪراچي سنڌ جي مارئي — گل حسن ڪلمتي
- ڪچين جا قول — محمد سومار شيخ
- سنڌ جا قديم آثار — هينري ڪزنس
- سنڌ جا سورما — سائين جي ايم سيد
- لب تاريخ سنڌ — خان بهادر خدا داد خان
- مڪلي نامون — مترجم: پير حسام الدين
- تاريخ مظهر شاهجهاني — مير محمد يوسف ميرڪ
- پنهنجي تاريخ جي آئيني ۾ — عبدالرشيد گبول
- سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ — ايڇ ايم ٽي لئمبرڪ
- سنڌ جي معلومات — محمد صالح کهڙو
- سنڌ بابت جامع معلومات — مشتاق مسرور باريچو
- سنڌين جي فوجي مهارت — دادا سنڌي

- محمد بن قاسم (اردو ناول) نسيم حجازي
- انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جلد پهريون
- انسائيڪلوپيڊيا اردو

## ليکڪ جا ايندڙ ڪتاب:

- ٿٽي جي وڪريل تاريخ 2
- منهنجو ڳجهو ڪالهہ ۽ اڄ
- تاريخ ڪاتيار
- تنهنجي نيڻن ۾ (شاعري)
- منهنجي زندگي (آتم ڪٿا)



نالو: ذوالفقار علي ڪاتيار

ادبي نالو: ٺٽوي ڪاتيار

ولديت: محمد بخش ڪاتيار

تاريخ پيدائش: 21-02-1989

ڪرت: پرائمري استاد

ادبي صنف: شاعري ۽ تاريخ

هاڻوڪو پتو: ورڪرز ڪالوني ٺٽہ سيمنٽ فيڪٽري
مڪلي غلام الله روڊ ضلع ٺٽو

مستقل پتو: ڳوٺ محمد هاشم ڪاتيار يوسي پليجاڻي
(اڳوڻي يوسي گجو) تعلقو ميرپور ساڪرو ضلع ٺٽو

عهدو: جوائنٽ سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت ٺٽو

فيسبڪ: Thattvi Katiar

موبائل نمبر: 03243094990 - 03042587690

اِي ميل: thattvikatiar@gmail.com